ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   جمعو 26 ڊسمبر 2025ع 05 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا   شمارو (133)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

قائداعظم جي زندگي قانون جي بالادستي جو روشن مثال آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي پاڪستان جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڳالهيون ئي هر مسئلي جو حل آهن: راجا پرويز اشرف

لاهور (اي پي پي) ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سينٽرل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

قائداعظم محمد علي جناحؒ جي زندگي، جدوجهد ۽ اصول اسان لاءِ مشعلِ راهه آهن: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناحؒ جي 149هين

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حضرت عيسيٰ عليه السلام الله جو پيغمبر هو جنهن انسانيت کي ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇوٽڪارو ڏياريو

ڪنهن کي مذهب جي نالي تي مرضي هلائڻ نه ڏينداسين، سڀني کي آزادي حاصل آهي: وزيراعظم

پاڪستان سڀني جي لاءِ آهي، سمورن شهرين کي برابر جا حق ۽ مذهبي آزادي حاصل آهي، حضرت عيسيٰ عه انسانيت سان محبت، امن ۽ احترام جو پيغام عام ڪيو، دنيا ۾ ان پيغام تي عمل جي ضرورت آهي

پاڪستان ۾ مسيحي برادري سميت اقليتن کي برابر حق حاصل آهن، انهن جو قابل قدر تاريخي ڪردار رهيو، ملڪ جي دفاع، عدليه، تعليم، صحت سميت زندگي جي هر شعبي ۾ نمايان نظر اچي ٿو

مئي ۾ ڀارت پاڪستان تي حملو ڪيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج دشمن کي ڏينهن ۾ تارا ڏيکاري ڇڏيا، پاڪ فضائيه حرڪت ۾ آئي ۽ دشمن جا 7 جهاز ڪيرايا

قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي خطابن ۾ اقليتن جي مذهبي آزادين تي زور ڏنو، اهو اسان جي آئين جو حصو آهي، مسلم ليگ (ن) ۽ قائد مسلم ليگ (ن) ميان نواز شريف سدائين اقليتن کي احترام ۽ عزت ڏني

خوشحالي جي سفر تي اسان سڀني کي گڏجي اڳتي وڌڻو آهي: وزيراعظم مسيحي برادري جي اهم اڳواڻن سان گڏ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ مسيحي برادري لاءِ ڪرسمس تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف زندگي جي هر شعبي ۾ مسيحي برادري جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان سڀني جي لاءِ آهي سمورن شهرين کي برابر جا حق ۽ مذهبي آزادي حاصل آهي ڪنهن کي مذهب جي نالي تي پنهنجي مرضي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرسمس جي موقعي تي ڪيڪ ڪٽي رهيو آهي

وڏي وزير ۽ گورنر جي صوبائي ڪابينا سان گڏجي قائداعظم جي مزار تي حاضري

مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه خواني ڪئي ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ دعا گهري وئي

قائداعظم جو جنم ڏينهن اسان کي قومي اتحاد، قرباني ۽ نظم عزم جي ياد ڏياري ٿو: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گورنر ڪامران خان ٽيسوري، صوبائي ڪابينا سان گڏ قوم جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

قائداعظم جو جنم ڏينهن ۽ ڪرسمس ٻئي خوشي ۽ ڀائيچاري جا ڏهاڙا آهن: شرجيل ميمڻ

سڀني اختلافن کي ڇڏي ملڪ جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

پيپلز پارٽي قائداعظم جي اصولن جي مطابق اقليتي برادري جي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پوپ ليو پاران ڪرسمس جي موقعي تي سڄي دنيا ۾ جاري جنگين جي خاتمي جو مطالبو

ويٽي ڪن سٽي (ر ڊ) ڪيٿولڪ عيسائين جي مذهبي پيشوا پوپ ليو سڄي دنيا ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل محمد شمرين قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري ۽ گلن جي چادر چاڙهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي يومِ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم آزاد ڪشمير پاران صدر کي جسٽس خالد يوسف چوڌري کي سپريم ڪورٽ جو مستقل جج مقرر ڪرڻ جي سفارش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج پاران پاڪستان جي باني جي جنم ڏينهن تي بابائِ قوم کي شاندار خراج عقيدت پيش

فيلڊ مارشل جي ڪرسمس تقريبن ۾ شرڪت: اقليتن جي حقن جو تحفظ پاڪستان جي نظريي جو بنياد قرار

قائداعظم جي مضبوط، خودمختيار، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان جي ويزن سان پنهنجي پختي وابستگي جو ورجاءُ

پاڪ فوج ملڪ جي مسيحي برادري کي ڪرسمس جون دلي مبارڪون ڏنيون، قومي ترقي ۾ سندن خدمتن جي واکاڻ

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير نشان امتياز (ملٽري)، هلال جرئت، چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف نشان امتياز

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انڊس يونيورسٽي اسپتال جو افتتاح، سنڌ جو مقابلو صوبن سان نه پر دنيا سان آهي: بلاول ڀٽو

منصوبو آهي ايندڙ ٽن سالن ۾ مڪمل ٿيڻ بعد هي پاڪستان جي سڀ کان وڏي نجي اسپتال هوندي

غريبن جو خيال رکڻ ئي اسان جو منشور آهي، اڄ لنڊ ۽ اجهو ئي اسان جي سياست جو محور آهي

انڊس اسپتال مفت، معياري ۽ برابري واري علاج جي گڏيل عزم جو عملي مثال آهي: عبدالڪريم پراچا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي ۾ انڊس يونيورسٽي اسپتال جو شاندار افتتاح ڪري ڇڏيو آهي هي هڪ اهم ۽ تاريخي صحت جو منصوبو آهي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 626 سال 2025

مسمات بي بي فرحانه ڌيءَ الهه رکيو ميمڻ مسلم بالغ رهندڙ گلشن پٺاڻي ڪالوني سوسائٽي نوابشاهه تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد....پلينٽف..خلاف.. غلام سرور پٽ محمد صديق ميمڻ مسلم بالغ رهندڙ غريب آباد پاڙو غلام محمد ڪالوني ورڪشاپ نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي وسيم اڪرم ولد امير بخش وگهيو رهندڙ ڳوٺ جلال خان وگهيو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي امير بخش وگهيو ولد مولا بش تاريخ 18-04-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 72/A، 91، 256، 90، 86B، 69 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه ملڪي ٽپو ڪاڻڪي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) مسمات شهناز (بيواهه) (2) وسيم اڪرم (پٽ) (3) جواد علي (پٽ) (4) واحد امير (پٽ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار منظور علي ولد ڪريم بخش وگهيو اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 185، 195، 229 جملي ايراضي 22-06 ديهه ملڪي ٽپو ڪاڻڪي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتڻ خاتون ڌي مُراد وگهيو جيڪو مورخه 01.04.1950 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: وزير (پاڻ)، پريل عرف پريو (پاڻ)، علي بخش (پاڻ)، مريم (پيڻ)، پرائي (پيڻ)، پلي (ماءُ). فوتي علي بخش ولد مُراد وگهيو جيڪو مورخه 11.01.1968 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: وزير (پاڻ)، پريل عرف پريو (پاڻ)، مريم (پيڻ)، پرائي (پيڻ)، پلي (ماءُ). فوتي پريل عرف پريو ولد مُراد وگهيو جيڪو مورخه 02.03.1970 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: بيؤ (پٽ)، لعل بخش (پٽ)، پلي (ماءُ). فوتڻ پلي زال مُراد وگهيو جيڪو مورخه 01.04.1970 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: وزير (پٽ)، مريم (ڌي)، پرائي (ڌي). فوتڻ پرائي ڌي مُراد وگهيو جيڪو مورخه 02.02.1971 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: وزير (پاڻ)، مريم (پيڻ). فوتي وزير پٽ مُراد وگهيو جيڪو مورخه 01.04.1974 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ڪريم بخش (پٽ)، علي ڏنو (پٽ)، ملي خان (پٽ)، نيامت (ڌي)، سليمر خاتون (ڌي). فوتڻ مريم ڌي مُراد زال رحم علي جيڪو مورخه 01.04.1985 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: مختيار (پٽ)، محب علي (پٽ)، سڪينه (ڌي). فوتي علي ڏنو ولد وزير خان جيڪو مورخه 15.04.2000 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ڪريم بخش (پاڻ)، ملو خان (پاڻ)، سليمر خاتون (ڌي). فوتي ملو خان ولد وزير خان جيڪو مورخه 20.08.2016 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ڪريم بخش (پاڻ)، سليمر خاتون (ڌي). فوتڻ نيامت ڌي وزير خان زال سومرو خان جيڪو مورخه 20.08.1993 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث: محمد اسحاق (پٽ)، مهرو (پٽ)، بچل (ڌي). فوتي ڪريم بخش ڌي وزير خان وگهيو جيڪو مورخه 30.05.2004 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: وزير خان (پٽ)، غلام اڪبر (پٽ)، بشير احمد (پٽ)، منظور علي (پٽ)، صادق علي (پٽ)، پٺاڻي (ڌي)، رحمت (ڌي)، زرينه (ڌي). فوتي وزير خان پٽ ڪريم بخش جيڪو مورخه 17.03.2014 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ضمير حسين (پٽ)، ابرار احمد (پٽ)، حفيظه (ڌي)، اقراءِ بتول (ڌي)، شمشاد بتول (ڌي) مهرالنساءِ (بيوه). فوتي بشير احمد ولد ڪريم بخش وگهيو جيڪو مورخه 30.05.2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ڪريم بخش (پٽ)، انيسه بتول (ڌي)، عريشه (ڌي)، معصومه (ڌي)، صفيه (بيوه). فوتي بيؤ خان ولد محمد پريل وگهيو جيڪو مورخه 10.08.2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: سڪينه (بيوه)، شمع (ڌي)، لعل بخش (پاڻ). جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڦاٽڪ ميرپور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

گمشدگي موٽر سائيڪل ڪاغذات

هر عام و خاص ماڻهن لاءِ ٻڌرو ڪجي ٿو ته منهنجي هنڊا موٽر سائيڪل چيچس نمبر 192969 اي سي انجڻ نمبر 510771 ٽي ماڊل 2022 بليڪ ڪلر ون ٽو فائيو جو اوپن ليٽر گس هلندي ڪٿي ڪري گم ٿي ويو آهي ڪافي ڳولها ڪرڻ جي باوجود ملي نه سگهيو آهي اهڙو اطلاع مقامي ٿاڻي تي پڻ ڏنو آهي

المشتهر ڏيارام ولد منيو ٺاڪر رهندڙ ڳوٺ مولوي سلطان ٽنڊو غلام علي تعلقو ماتلي ضلعو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات سڪينه زال فوتي علي گوهر رهندڙ خورشيد ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس مڙس علي گوهر ولد محمد مٺل جيڪو سنڌ پوليس کاتي ۾ سرڪاري ملازم هيو جيڪو تاريخ 28-05-2025 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ان سلسلي ۾ سر زمين تي وڃي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ (1) نالي مصري خان ولد گل حسن رهندڙ پٺاڻي ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (2) محمد مٺل ولد دلشاد علي رهندڙ خورشيد ڪالوني ضلعو جامشورو کان بيان ورتا ويا جن ساک تي بيان ڏنو ته فوتي نالي علي گوهر ولد محمد مٺل رهندڙ خورشيد ڪالوني ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو جا هيٺيان جائز ۽ حقيقي وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مسمات سڪينه فوتي جي زال عمر 1967 سال (2) سلميٰ فوتي جي ڌيءَ عمر 1986 سال (3) مجاهد فوتي جو پٽ عمر 2019 سال (4) حليمه فوتي جي ڌيءَ عمر 2021 سال مٿي ڄاڻايل وارثن ڪانسواءِ مرحوم جو ٻيو ڪوبه وارث نه آهي. جنهن جي تصديق اسانجي سامهون ٻن شاهدن ڪئي آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پاڻ يا وڪيل معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽيفڪيٽ وارثن جي نالي تي جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي زاهد جاويد ولد ابو الفضل ڏوگر درخواست ڏني آهي ته سنڌس کاتي تي ديهه ڇاڪيجي 2 ٽپو ايڪڙ 2 کي بلاڪ نمبر 04 / 361 / 1 to 04 , 362 / 1to ڪل ايراضي 06 -158 ايڪڙ ديهه ڇاڪيجي 2 تعلقي شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جي رڪارڊ 27_12_2007 تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 تاريخ 2014/12 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته لوس ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي جي حڪم موجب سرزمين تي جلسي عام ڪرڻ ڪانپو متيان وارث حقدار ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ڪجي ٿو ته ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻئي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاتيدار جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ترجو ڪوبه اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

گمشده ڊگري

جيئن ته منهنجي LLB ڊگري سال 1980 ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي. جيڪا ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهي آهي جنهن بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي پڻ اين سي داخل ڪرائي آهي لاڳاپيل ڊپارٽمينٽ کي عرض آهي ته ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏني وڃي

غلام حسين ڀٽي ولد الله ورايو ڀٽي
شناختي ڪارڊ نمبر 4130620714659

عام اطلاع

درخواستگذار نالي نور محمد ولد ولي محمد هنگورو ويٺل ڳوٺ پنهون هنگورو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي ولي محمد ولد نورمحمد هنگورو جيڪو تاريخ 21-03-2003 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه کهڪي ٽپو بوبڪ مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالن فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) نور محمد هنگورو (پٽ) (2) جان محمد هنگورو (پٽ) (3) علي بخش (پٽ) (4) الهي بخش هنگورو (پٽ) (5) امام بخش هنگورو (پٽ) (6) گلزادي (ڌي)(7) پاڳل هنگورو (ڌي) (8) بچل هنگورو (9) راحيل عرف گلو (10) مسمات ڏجاڻي (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آ ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس والد، والده/ ڏاڏي / ڏاڏي فوتي جي جياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) احمد ولد يارمحمد هنگورو (2) گل بهار ولد محمد جمن ڳوٺ پنهون هنگورو ۾ مقرر ڪيل جلسي عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهن ڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ”روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪن مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو.

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو پٽ زوار احمد ولد محمد امين جت جيڪو منهنجو نافرمان ٻچي چڪو آهي جيڪو غلط فيصلا ڪري رهيو آهي انهيءَ ڪري انهن غلط حرڪتن سبب آئون محمد امين بحيثيت سنڌس پيءُ پنهنجي گهر جي سربراهه هئڻ سبب پوري فيملي طرفان پنهنجي زندگي ۾ ۽ منهنجي ذاتي ملڪيت مان منهنجي زنده هئڻ ۽ مري وڃڻ کان پوءِ به اهو هميشه هميشه لاءِ لاڏعوي ڪيان ٿو ۽ ان کان پوءِ منهنجو ۽ منهنجي فيملي جو ڪو به واسطو رهنوار ۽ تعلق نه آهي نه رهندو منهنجو اهو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

محمد امين ولد علي بخش جت
رهندڙ شهر جاتي ضلع سجاول

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي صالح محمد ولد عبدالله سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالله ولد حاجي آچار سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه ڦهلڏيو ٽپو ڏلهار تعلقي ڏلهار ۾ سروي نمبر 114 مايراضي حصي موجب 19_5 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ تي آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلائڻ جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ جاوو سومرو تعلقو ڏلهار ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي عبدالله ولد حاجي آچار سومرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد حسن پٽ فوتي جو 2 علي محمد پٽ فوتي جو 3 صالح محمد پٽ فوتي جو 4 مسمات سڪينا زال محمد رمضان ڌيءَ فوتي جي 5 مسمات زليخان ڌيءَ فوتي جي 6 مسمات نسيمان زال علي اڪبر ڌيءَ فوتي جي 7 مسمات خنيجا زال فوتي جي فوتي جا جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاهه
(روبرو جناب نظار علي ابڙو)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر20 سال 2025

الله رکيو ولد محمد مٺل ڪوري رهندڙ محلا نبي بخش پنگوار ڪالوني نوابشاهه...پلينٽف...خلاف محمد اڪرم انصاري ولد عبدالرؤف رهندڙ منوآباد نوابشاهه سيل نمبر 030232139817....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري اماؤنٽ -/170000 روپيا زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاهه

بقايا 1 | محسن نقوي

باني قائداعظم محمد علي جناح کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪندي سنڌس پختي اصولن، ديانتداري ۽ سنڌس تاريخي جدوجهد کي ساراهيو جنهن تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ محسن نقوي چيو ته قائداعظم جي زندگي قانون جي بالادستي ۽ سچائي جو روشن مثال آهي هن نندي کنڊ جي مسلمانن جي حقن جي تحفظ لاءِ قائداعظم جي عظيم سياسي، سماجي ۽ معاشي جدوجهد کي سلام پيش ڪيو قائداعظم مسلمانن کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ڪيو ۽ هڪ آزاد مسلم رياست جي خواب کي حقيقت جو روپ ڏنو پاڪستان جي باني هڪ اهڙي رياست جو تصور پيش ڪيو جيڪو قانون، برابري ۽ مذهبي آزادي جي بنيادن تي قائم ٿيو ۽ هن اقليتن جي حقن جي تحفظ تي خصوصي زور ڀريو هن چيو ته قائداعظم جا سنهري اصول اهي سبق ڏين ٿا ته قومي ترقي جو رستو ديانتداري، خود احتسابي ۽ اتحاد ۾ لڪل آهي قائداعظم جي ويزن سان وابستگي جو ورجاءُ ڪندي محسن نقوي چيو ته قوم کي ايمان اتحاد ۽ تنظيم جي رهنما اصولن کي اختيار ڪرڻو پوندو هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پائيدار ترقي ۽ خوشحالي صرف قائداعظم جي لازوال نظرين تي عمل ڪري ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي

بقايا 2 | راجا پرويز اشرف

پنجاب جي صدر راجا پرويز اشرف چيو آهي ته ڳالهين ئي هر مسئلي جو حل آهن پي ٽي آءِ کي چوندس ته ملڪي مفاد ۾ ڳالهين جو رستو اختيار ڪري، ڪو اهڙو رستو اختيار نه ڪري جنهن سان ملڪي سالميت کي خطرو هجي يا ملڪي بدنامي ۽ افراتفري پکيڙي، هو ميٿوڊسٽ چرچ سريم نشاط ڪالوني لاهور ڪينٽ ۾ پي پي سينٽرل پنجاب اقليتي ونگ جي نائب صدر ايڊون سهوترا طرفان ڪرسمس ڪيڪ ڪٽڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو راجا پرويز اشرف پي آءِ اي جي نجڪاري کي ملڪي مفاد جي حق ۾ قرار ڏيندي چيو ته اسان صرف پي آءِ اي ملازمن جو تحفظ يقيني بڻائڻ چاهيون ٿا حڪومت بزنس نه ڪري پر اهڙي فضا پيدا ڪري جنهن ۾ ڪاروبار ٿي سگهي، آئون سمجهان ٿو ته وزيراعظم طرفان ڳالهين جي دعوت هڪ بهترين قدم آهي ان کان اڳ ڪرسمس تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته اسان سڀني کي گڏجي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻو آهي ۽ ان کي مضبوط بڻائڻ ئي اسان خوشحال ٿي سگهون ٿا.

بقايا 3 | مرتضيٰ وهاب

سالگرهه جي موقعي تي مزار قائد تي حاضري ڏني ۽ باباءِ قوم کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪيو هن ڪراچي جي شهرين جي طرفان مزار قائد تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل ۾ پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دراڻ، چونڊيل نمائندا ۽ ٻيا به موجود هئا ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه جي موقعي تي هو پوري قوم خاص طور شهر قائد جي عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿو هن چيو ته 25 ڊسمبر اهو تاريخي ڏينهن آهي، جڏهن برصغير ۽ عالم اسلام جي هڪ عظيم اڳواڻ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناحؒ جي ولادت ٿي هي ڏينهن اسان کي ان عظيم اڳواڻ جي جدوجهد، قربانين ۽ ويزن جي ياد ڏياريندو آهي جن جي انتهڪ محنت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ اسان کي آزاد رياست پاڪستان نصيب ٿي ميئر ڪراچي چيو ته قائداعظمؒ جي رهنمائي ڪندڙ اصولن تي عمل ڪري ئي شهر ۽ ملڪ کي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي راهه تي آڻي سگهجي ٿو ميئر ڪراچي چيو ته قائداعظم محمد علي جناحؒ جي زندگي، جدوجهد ۽ اصول اسان لاءِ مشعل

راهه آهن ۽ قومي طور اسان تي لازم آهي ته ملڪ کي قائداعظمؒ جي فڪرن ۽ اصولن موجب اڳتي وڌايون

بقايا 4 | وزيراعظم

هلائڻ نه ڏينداسين، زيادتي تي قانون حرڪت ۾ ايندو هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه خميس ڏينهن ڪرسمس جي موقعي تي وزيراعظم هائوس ۾ منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي وفاقي وزير، اسيمبلي ميمبر مسيحي برادري جون اهم شخصيتون ۽ سفارتي عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته حضرت عيسيٰ عليه السلام الله جو پيغمبر هو جنهن انسانيت کي ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇوٽڪارو ڏياريو ۽ انسانيت سان محبت، امن ۽ احترام جو پيغام عام ڪيو اڄ دنيا کي ان پيغام تي عمل ڪرڻ جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ مسيحي برادري سميت اقليتن کي برابر حق حاصل آهن، انهن جو قابل قدر تاريخي ڪردار طب، ملڪ جي دفاع، عدليه، تعليم، صحت سميت زندگي جي هر شعبي ۾ نمايان نظر اچي ٿو مئي ۾ ڀارت پاڪستان تي حملو ڪيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ولولا انگيز قيادت ۾ پاڪستان جي هٿيار بند فوج دشمن کي ڏينهن ۾ تارا ڏيکاري ڇڏيا، پاڪ فضائيه حرڪت ۾ آئي ۽ دشمن جا 7 جهاز ڪيرايا ته سيسل چوڌري جي ياد تازي ٿي وئي. وزيراعظم چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي خطابن ۾ اقليتن جي مذهبي آزادين تي زور ڏنو اهو اسان جي آئين جو حصو آهي، مسلم ليگ (ن) ۽ قائد مسلم ليگ (ن) ميان نواز شريف سدائين اقليتن کي احترام ۽ عزت ڏني. رائيونڊ ۾ انهن جي لاءِ تقريبون منعقد ڪيون. وزيراعظم چيو ته هارون وليم دشمن سان وڙهندي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو ته هن فيلڊ مارشل سان گڏ ان جي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪئي هن واضح ڪيو ته پاڪستان ۾ هر شهري کي پنهنجي مذهب تي عمل جي مڪمل آزادي حاصل آهي، ڪنهن کي مذهب جي نالي تي پنهنجي مرضي هلائڻ نه ڏينداسين ۽ ڪنهن به شهري سان زيادتي تي قانون حرڪت ۾ ايندو هي اسان سڀني جو گڏيل ملڪ آهي ۽ هتي سمورن شهرين کي برابر جا حق حاصل آهن هن چيو ته ترقي ۽ خوشحالي جي سفر تي اسان سڀني کي گڏجي اڳتي وڌڻو آهي. وزيراعظم مسيحي برادري جي اهم اڳواڻن سان گڏ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ مسيحي برادري جي لاءِ ڪرسمس تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان کان اڳ بين المذاهب هم آهنگي واري مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني چيو ته پاڪستان ۾ هندو، مسيحي سک سميت سمورن اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي ۽ اهي برابر جا شهري آهن اقليتون حڪومت سان گڏ بيٺل آهن جڏهن ته ڀارت ۾ مودي مذهب جي نالي تي نفرت ڦهلائي رهيو آهي اتي اقليتن کي آزادي ۽ تحفظ حاصل نه آهي قومي اسيمبلي ميمبر نيلسن عظيم چيو ته مسيحي برادري جي لاءِ وزيراعظم هائوس ۾ تقريب خوش آئنده آهي. وزيراعظم جا ٿورا جنهن اقليتن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪيو ڪرسمس امن، محبت ۽ درگذر جو پيغام ڏئي ٿو تقريب کي مسيحي اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو ۽ وزيراعظم جا ٿورا مڃيا.

بقايا 5 | حاضري

باني قائداعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش جي موقعي تي قائداعظم جي مزار تي حاضري ڏني. گورنر سنڌ قائداعظم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه خواني ڪئي ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعا گهري ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سنڌ، آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ٻيا اعليٰ سول ۽ فوجي عملدار پڻ موجود هئا. گورنر سنڌ مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ لکيا. ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو ته هن قائداعظم جي عظيم خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ قائداعظم جي مزار تي حاضري ڏني آهي هن چيو ته قائداعظم جو جنم ڏينهن اسان کي قومي اتحاد، قرباني ۽ نئين عزم جي ياد ڏياري ٿو ۽ باباءِ قوم جي سونهري اصولن تي عمل ڪندي پاڪستان کي هڪ مستحڪم ۽ ترقي يافته ملڪ بڻائي سگهجي ٿو گورنر سنڌ چيو ته سال 2025 اسان کي شهيدن جي ياد ڏياريندو ۽ هي سال تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو هن چيو ته پاڪستان جي سمورن فورسز ملڪ جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ بي مثال قربانيون ۽ شهادتون ڏنيون ۽ پاڪستان هڪ عظيم طاقت سان مقابلي ۾ فتح حاصل ڪئي، جنهن کي دنيا تسليم ڪيو عالمي معاملن تي بحث ڪندي سنڌ جي گورنر چيو ته صدر ٽرمپ جي نئين پرڏيهي پاليسي ۾ پاڪستان کي ”فاتح“ قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته هندستان کي ”هاريندڙ“ قرار ڏنو ويو آهي ۽ واشنگٽن ۾ طاقت جو توازن واضح طور تي پاڪستان جي حق ۾ منتقل ٿي چڪو آهي. سنڌس مطابق، پاڪستان ٽرمپ جي ٻئي دور ۾ هڪ قابل ذڪر اسٽريٽجڪ واپسي ڪئي آهي هن چيو ته صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ افغانستان جي حوالي سان واضح فيصلا ڪيا ويا آهن، جڏهن ته انتهاپسندي خلاف پاڪستان جي مضبوط ۽ واضح موقف کي عالمي سطح تي تسليم ڪيو پيو وڃي سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪستان معاشي ترقي لاءِ مشڪل پر ضروري فيصلا ڪري رهيو آهي ۽ پي آءِ اي جي نجڪاري معيشت لاءِ گيم چينجر ثابت ٿي سگهي ٿي هن چيو ته معرڪه حق کان پوءِ هاڻي پاڪستان معيشت جي جنگ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي هن چيو ته سعودي عرب، ترڪي ۽ چين سان اهم اسٽريٽجڪ معاهدا ڪيا ويا آهن، پاڪستان ٻن مقدس مسجدن جي محافظ جي حيثيت سان خطي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن ته پاڪستاني دفاعي سامان جي عالمي طلب فخر جو سبب آهي ڪامران خان ٽيسوري وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي سفارتڪاري کي عالمي سطح تي ساراهيو پيو وڃي.

بقايا 6 | شرجيل ميمڻ

شرجيل انعام ميمڻ قائداعظم جي ڏينهن ۽ ڪرسمس جي موقعي تي قوم جي نالي پيغام ۾ چيو آهي ته قائداعظم جو جنم ڏينهن ۽ ڪرسمس جو ڏهاڙو خوشي ۽ يڪجهتي جا ڏينهن آهن پوري قوم قائداعظم جو ڏينهن ملهائي رهي آهي ۽ عيسائي برادري ڪرسمس جو ڏينهن ملهائي رهي آهي قائداعظم جو اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط جي اصولن تي ٻڌل ويزن اڄ به قوم لاءِ هڪ مشعل راهه آهي هن چيو ته اسان کي سڀني اختلافن کي پوئتي ڇڏي ملڪ جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو قائداعظم جي پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هر شهري کي برابر موقعا ملن سڀ شهري آزادي ۽ وقار سان زندگي گذاري سگهن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قوم کي پنهنجي قومي سڃاڻپ ۽ قدرن کي فروغ ڏيڻ لاءِ اجتماعي ڪوششون ڪرڻيون پونديون ته جيئن پاڪستان ۾ سڀني برادرين جا حق محفوظ رهي سگهن. پاڪستان جي ڀلائي ۽ خوشحالي لاءِ اسان کي انا ۽ تعصب کي وساري هڪ مضبوط ۽ متحد قوم بڻجڻو پوندو هن چيو ته ڪرسمس اسان کي امن محبت ۽ رحمدلي جي سچي پيغام جي ياد ڏياري ٿو ۽ اسان کي سيکاري ٿو ته اسان سڀني کي گڏجي هڪ خوشحال سماج ٺاهڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. پيپلز پارٽي قائداعظم جي اصولن جي مطابق اقليتي برادري جي حقن جي تحفظ ۽ فروغ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 7 | بنياد قرار

نشان امتياز (ملٽري)، تمغه بسالت ۽ چيف آف ايئر اسٽاف ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو نشان امتياز (ملٽري)، هلال جرئت پاڪ فوج طرفان پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش جي پُرمسرت موقعي تي باباءِ قوم کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪيو پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) طرفان جاري ڪيل بيان موجب پاڪ فوج قائداعظم جي مضبوط، خودمختيار جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان جي ويزن سان پنهنجي پختي وابستگي جو ورجاءُ ڪيو جيڪو ايمان، اتحاد ۽ تنظيم جي اصولن تي قائم آهي بيان ۾ ان ڳالهه تي زور ڀريو ويو ته قائداعظم جي مثالي قيادت، آئين پسندي ۽ پختو عزم اڄ به قوم ۽ ان جي هٿيار بند فوج کي حاضر دور جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ رهنمائي فراهم ڪري رهيو آهي پاڪ فوج ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ ۽ قائداعظم جي نظرين ۽ امنگن موجب قومي استحڪام امن ۽ ترقي لاءِ پوري لگن سان ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم جو

ورجاءُ ڪيو ان موقعي تي پاڪ فوج ملڪ جي مسيحي برادري کي ڪرسمس جون دلي مبارڪون ڏنيون. انهن جي قومي ترقي ۾ قيمتي خدمتن کي ساراهيندي ۽ قائداعظم جي هڪجهڙن حقن، مذهبي آزادي ۽ سمورن شهرين لاءِ هم آهنگي جي ويزن سان وابستگي جو ورجاءُ ڪيو پاڪ فوج قائداعظم محمد علي جناح جي ورثي کي برقرار رکڻ ۽ عزت، جرئت ۽ عقيدت سان قوم جي خدمت جاري رکڻ جي پنهنجي عزم تي ثابت قدم آهي

بقايا 8 | بلاول ڀٽو

جيڪو ايندڙ ڪن سالن ۾ مڪمل ٿيڻ بعد پاڪستان جي سڀ کان وڏي نجي اسپتال هوندي، جتي مڪمل طور مفت علاج جون سهولتون مهيا ڪيون وينديون اسپتال ۾ مجموعي طور 1,350 بسترن جي گنجائش هوندي افتتاحي تقريب ۾ وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو،سيڪريٽري صحت سنڌ ريحان اقبال بلوچ انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي ڊونرز ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته انڊس يونيورسٽي اسپتال پاڪستان جي صحت واري نظام کي مضبوط بڻائڻ ۽ عوام خاص طور گهٽ آمدني وارن طبقات کي معياري ۽ مفت طبي سهولتون مهيا ڪرڻ طرف هڪ وڏو قدم آهي هن چيو ته منصوبي جي مڪمل ٿيڻ بعد هي اسپتال ڪراچي ۽ ان جي آسپاس رهندڙ لکين ماڻهن لاءِ جديد علاج جون سهولتون فراهم ڪندي بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ بنا ڪنهن فرق جي مفت علاج مهيا ڪري عوامي خدمت جي بهترين مثال قائم ڪئي آهي ، اسان صوبي ۾ صحت جو نظام تبديل ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جو مقابلو صوبن سان نه دنيا سان آهي هن چيو ته غريبن جو خيال رکڻ ئي اسان جو منشور آهي اٽي لٽو ۽ اجهو ئي اسان جي سياست جو محور آهي، سنڌ حڪومت هن نيڪ مشن ۾ مڪمل سهڪار جاري رکندي انڊس يونيورسٽي اسپتال کي ڪراچي جي وڌندڙ طبي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جديد بنيادن تي ڊزائين ڪيو ويو آهي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ بعد هتي مختلف طبي شعبن ۾ جديد، جامع ۽ مفت علاج جون سهولتون موجود هونديون جن سان هر سال لکين مريض فائدو حاصل ڪندا. پ پ چيئرمين ان موقعي تي مسيحي برادري کي ڪرسمس جون واڌايون پيش ڪيون ۽ ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي سينيئر قيادت سان گڏ نئين اسپتال جو دورو پڻ ڪيو جتي جديد ايمرجنسي ۽ آءِ سي يو سهولتون، جديد تشخيصي نظام، عالمي معيار جا آپريشن ٿيئٽرز ۽ مريض دوست انفراسٽرڪچر قائم ڪيو ويو آهي تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين بورڊ آف ڊائريڪٽرز انڊس اسپتال عبدالڪريم پراچ

سنڌ حڪومت جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته انڊس يونيورسٽي اسپتال مفت، معياري ۽ برابري واري علاج جي گڏيل عزم جو عملي مثال آهي صدر انڊس اسپتال ڊاڪٽر عبدالباري خان چيو ته هي منصوبو پاڪستان جي صحت واري شعبي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو جڏهن ته سي اي او انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ پروفيسر سيد ظفر زيدي چيو ته نئون اسپتال ڪيمپس علاج، تعليم ۽ تحقيق کي هڪ ئي ڇت هيٺ گڏ ڪندو واضح رهي ته انڊس يونيورسٽي اسپتال جي ڪل لاڳت 72 ارب رپيا آهي.

بقايا 9 | مطالبو

جاري جنگين جي خاتمي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. ويٽي ڪن سٽي ۾ ڪرسمس تي خاص عبادتن جو اهتمام ڪيو ويو. پوپ ليو ڪرسمس تي پنهنجي خطاب دوران سڄي دنيا ۾ جاري جنگين جي خاتمي جو مطالبو ڪيو هن تڪليف ۾ ورتل فلسطينين جو خاص ذڪر ڪندي فلسطين، لبنان، شام اسرائيل ۽ يوڪرين ۾ امن، انصاف ۽ استحڪام جي دعا ڪئي.

بقايا 10 | چادر چاڙهي

ولادت جي موقعي تي ڊي جي رينجرز (سنڌ) ميجر جنرل محمد شمريز قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري ۽ گلن جي چادر چاڙهي. ان موقعي تي ڊي جي رينجرز (سنڌ) قائداعظم جي روح جي ايصال ثواب، ملڪ ۽ قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعا گهري. بعد ۾ ڊي جي رينجرز (سنڌ) مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ قلمبند ڪيا.

بقايا 11 | سفارش

شهباز شريف آزاد جموں ۽ ڪشمير جي صدر بئريسٽر سلطان محمود چوڌري کي جسٽس خالد يوسف چوڌري کي آزاد جموں ۽ ڪشمير سپريم ڪورٽ جو مستقل جج مقرر ڪرڻ جي ايڊوائيس موڪلي ڇڏي آهي اها ڳالهه ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان ۾ ٻڌائي وئي

جمهوريت لاءِ نواز شريف جون خدمتون لازوال آهن: طارق فضل

ملڪ ۾ ٻيهر معاشي استحڪام آيو ان ۾ نواز شريف جو ڪردار اهم آهي

ميان نواز شريف قائداعظم جي ويزن موجب ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري مسلم ليگ (ن) جي صدر ميان محمد نواز شريف کي سالگرهه تي مبارڪون ڏينديءَ چيو آهي ته ملڪ ۾ ترقي ۽ جمهوريت لاءِ ميان نواز شريف جون خدمتون لازوال آهن. گڏيل ڏينهن پنهنجي پيغام ۾ وفاقي وزير چيو ته ميان نواز شريف هميشه پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي ويزن موجب ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪيو اڄ جيڪو ملڪ ۾ ٻيهر معاشي استحڪام آيو ان ۾ ميان نواز شريف جو ڪردار گهڻو اهم آهي. هن چيو ته موٽر ويز سميت اڪثر ترقياتي منصوبا مسلم ليگ (ن) جي حڪومتي دور ۾ ٺهيا، مسلم ليگ (ن) کي سڀني کان وڌيڪ عوامي اعتماد حاصل هجڻ جو سبب ميان نواز شريف جون عوام دوست پاليسيون آهن هن چيو ته مسلم ليگ (ن) ميان نواز شريف جي قيادت ۾ عوامي خدمت جو اهو سلسلو جاري رکندي.

نائيجيريا ۾ مسجد اندر اپگهاتي ڌماڪو، 5 نمازي شهيد، 35 زخمي

ڌماڪو رياست بورنو جي شهر ميدوگوري جي هڪ مسجد ۾ ٿيو: پوليس

اهو حملو انتهاپسند تنظيم بوڪوحرام جي دهشتگردن ڪيو آهي: مقامي ماڻهو

ابوجا (اي پي پي) نائيجيريا جي هڪ مسجد ۾ اپگهاتي بم ڌماڪي سبب 5 نمازي شهيد ۽ 35 زخمي ٿي پيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب پوليس تصديق ڪئي ته ڌماڪو رياست بورنو جي شهر ميدوگوري جي هڪ مسجد ۾ ٿيو جنهن سبب 5 نمازي شهيد ۽ 35 زخمي ٿي پيا. زخمين کي علاج لاءِ ميدو گوري يونيورسٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن ماڻهو عشا جي نماز ادا ڪري رهيا هئا ته هڪ اپگهاتي بمبار پاڻ کي ديسي ساخت ڌماڪيدار مادي سان اڏائي ڇڏيو اڃان تائين ڪنهن تنظيم حملي جي ذميواري قبول ناهي ڪئي جڏهن ته مقامي ماڻهن جو خيال آهي ته اهو حملو انتهاپسند تنظيم بوڪوحرام جي دهشتگردن ڪيو آهي.

سجاول جي واپاري اسلم ميمڻ کان 2 لک ڦر ٿيڻ وارو مامرو

انجمن تاجران جي وفد جي ايس ايس پي سجاول عليمه راڄپر سان ملاقات

ڦر ۾ ملوث ماڻهن کي پڪڙي ڦر ٿيل رقم ڌڻين کي واپس ڪرائي ويندي: ايس ايس پي

سجاول(نر) ڪجهه ڏينهن اڳ سجاول جي واپاري اسلم ميمڻ کان سنڌس مني مارٽ تي 2 لک جي ڦر ٿي هئي جنهن کان پوءِ اسلم ميمڻ انجمن تاجران ضلعي سجاول جي صدر حافظ رياض ميمڻ ۽ ٻين واپارين سان گڏجي ايس ايس پي سجاول عليمه راڄپر سان ملاقات ڪري وارادات جي پوري تفصيل ٻڌائي جنهن کان پوءِ ايس ايس پي سجاول واپارين کي يقين ڏياري ڪرائي ته انشاءَالله جلد ڦر ۾ ملوث ماڻهن کي پڪڙي ڦر ٿيل رقم ڌڻين کي واپس ڪرائي ويندي ,ايس ايس پي ۽ ان جي پوري ٽيم جي ڪوشش سان جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم جوابدار کان وصول ڪرائي وئي جنهن ڪانپوءِ اسلم ميمڻ شهر جي واپارين سان گڏجي ايس ايس پي سجاول ايس ايڇ او سجاول ۽ ان جي پوري ٽيم جو تمام گهڻو شڪريو ادا ڪيو ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي انجمن تاجران جي ضلعي سجاول جي صدر حافظ رياض ميمڻ ۽ آيل ٻين واپارين ضلعي اندر امن امان جي صورتحال تي اطمينان جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سجاول کي چيو ته توهان ضلعي اندر امن امان جي صورتحال ۽ منشيات خلاف هلندڙ ڪوششون تمام بهتر آهن امن امان ۽ منشيات جي حوالي سان اسان واپاري توهان سان هر موڙ تي گڏ آهيون

نظرانداز ڇو؟: چام صاحب ۾ معذورن جو احتجاج

معذورن سان هر اداري ۾ ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو: خادم شيخ

جيڪڏهن معذور سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ وڃن ٿا ته ڌڪا ٿابا ڏنا وڃن ٿا

چام صاحب(ن ع) معذور طبقي پاران معذورن خادم حسين شيخ ذوالفقار شر ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان معذورن سان هر اداري ۾ ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو جيڪڏهن معذور سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ وڃن ٿا ته ڌڪا ٿابا ڏنا وڃن ٿا ۽ ڪين رلايو ٿو وڃي ته ڌڪا ٿابا ڏنا وڃن ٿا ,معذورن جي نالي تي ايندڙ نوڪريون وظيفا به آفيسر کائي ٿا وڃن.اسان معذور به انسان آهيون اسان جا به حقوق آهن اسان جو اولاد به آهي انهن جي پرورش لاءِ به اسان کي پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون پيپلز پارٽي جنهن هميشه دعوا ڪئي آهي ته اسان غريب خدمت ڪنداسين.هر شعبي جي ماڻهن کي پنهنجا حق ڏينداسين پر پيپلز پارٽي معذورن لاءِ اڄ تائين ڪو به رليف ناهي ڏنو بينظيرانڪم سپورٽ جي نالي تي سفيد پوش ماڻهن کي به وظيفو ڪٽن پر اسان معذورن لاءِ نه ڪو وظيفو ڏنو وڃي ٿو نه وري معذور ڪوٽا تي نوڪري ڏني وڃي ٿي آخر اسان معذورن لاءِ ادارا ڪجهه بهترين ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ڇو معذورن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين اسان کي معذور ڪوٽا تي نوڪري ماهانه وظيفو ۽ ٻيا بنيادي حقن جا مطالبا تسليم نٿا ڪيا وڃن ايستائين احتجاجي تحريڪ جاري رکنداسين.

قمبر شهدادڪوٽ مان 10 ڏينهن اڳ مبينا طور پوليس هٿان کنپيل شاگرد جو پتو نه پيو

ميڊيڪل جي آخري سال جي شاگرد ڊاڪٽر شهباز نظير ڪوسو کي مسافر ڪوچ مان پوليس لاهي کڻي وئي

ينگ ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي سڏ تي وارثن ۽ ڊاڪٽرن جو ڊاڪٽر شڪيل احمد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ جي حد مان 10 ڏينهن اڳ مبينا طور پوليس هٿان کنپي گم ڪيل ميڊيڪل جي شاگرد جو پتو نه پيو وارث پريشان، حيدرآباد ۾ احتجاج. 16ڊسمبر2025تي حيدرآباد کان پنهنجي آبائي شهر ڪنڊڪوٽ ويندڙ ٽنڊو محمد خان جي خانگي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندڙ ميڊيڪل جي آخري سال جي شاگرد ڊاڪٽر شهباز نظير ڪوسو کي مسافر ڪوچ مان پوليس لاهي کڻي وئي هئي جنهن جو 10ڏينهن گذرڻ باوجود پتو نه پئجي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪالهه ينگ ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي سڏ تي وارثن ۽ ڊاڪٽرن شڪيل احمد ڪوسو،ڊاڪٽر سعود،ڊاڪٽر سجاد ڪوسو،اشوڪ ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين ڊاڪٽر شهباز نظير ڪوسو کي ظاهر ڪرڻ لاءِ نعري بازي ڪئي. ان موقعي تي هنن چيو ته 16ڊسمبر 2025تي ڊاڪٽر شهباز نظير ڪوسو ٽنڊو محمد جي انڊمر ميڊيڪل ڪاليج مان حيدرآباد جي رستي مسافر ڪوچ ۾ ڪنڊڪوٽ طرف وڃي رهيو هو ته ڪوچ عملي موجب ڊاڪٽر شهباز کي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي حد ڏامراهه پوليس چوڪي وٽ پوليس اٽالڙ گاڏي کي روڪي کڻي وئي جڏهن ته معلومات وٺڻ تي لاڙڪاڻو سوڊو ۽ قمبر شهدادڪوٽ پوليس ڊاڪٽر شهباز بابت لاعلمي جو اظهار ڪري رهي آهي. هنن چيو ته ڊاڪٽر شهباز جو ڪنهن به سياسي يا قوم پرست تنظيم سان ڪو به تعلق ناهي رهيو نه ئي اسان جي ڪنهن سان دشمني آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽس وٺي ڊاڪٽر شهباز ڪوسو جي گرفتاري ظاهر ڪئي وڃي

اسلام آباد پبلڪ لائبريري ۾ قائداعظم جو نظريو ۽ جديد پاڪستان ۾ ان جي اهميت جي موضوع تي سيمينار منعقد

نوجوان نسل کي قائداعظم جي فڪر کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: شيخ محمد ارشد

قائداعظم جي جدوجهد، شخصيت، پيغام اسان لاءِ مشعل راهه آهي: اشرف انصاري، ڊاڪٽر شهزاد قيصر ۽ ٻيا

اسلام آباد (اپ ر) شيخ محمد ارشد ڊائريڪٽر جنرل لائبريريز ڊپارٽمينٽ اسلام آباد جي هدايتن تحت يوم قائداعظم جي مناسبت سان اسلام آباد پبلڪ لائبريري ۾ هڪ روزه سيمينار بعنوان ”قائداعظم جو نظريو ۽ جديد پاڪستان ۾ ان جي اهميت: تاريخي ۽ فڪري پسمنظر“ منعقد ڪيو ويو جڏهن ته ان سان گڏ ٽي ڏينهن جاري رهندڙ ڪتابي نمائش جو به انعقاد ڪيو ويو جنهن کي شرڪت ڪندڙن طرفان تمام گهڻو ساراهيو ويو. پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ٿي. پنهنجي خطاب ۾ ڊائريڪٽر جنرل شيخ محمد ارشد قائداعظم محمد علي جناح جي فڪري ويزن، اصولي قيادت ۽ قومي تعمير ۾ سنڌس تاريخي ڪردار تي روشني وڌي ۽ زور ڏنو ته نوجوان نسل کي قائداعظم جي فڪر کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سيمينار ۾ معزز مقررن اشرف انصاري، پروفيسر ڊاڪٽر زيد اي قريشي، ڊاڪٽر شهزاد قيصر ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عدنان سرور خطاب ڪيو ۽ قائداعظم جي جدوجهد، شخصيت، پيغام ۽ موجوده دور ۾ ان جي معنويت تي تفصيلي گفتگو ڪئي. هن موقعي تي نامور شاعر جناب عمير علي انجم چونڊ ڪلام پڻ پيش ڪيو. اختتام تي پروفيسر ڊاڪٽر زيد اي قريشي طرفان معزز مقررن کي قرآن پاڪ جا نسخا تحفي طور پيش ڪيا ويا. آخر ۾ ڊائريڪٽر جنرل شيخ محمد ارشد سڀني مقررن شرڪائن ۽ منتظمين جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته لائبريريز ڊپارٽمينٽ علم ۽ تحقيق جي فروغ لاءِ اهڙيون علمي ۽ فڪري سرگرميون جاري رکندو.

وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري پاران مسيحي برادري سان يڪجهتي جو اظهار، ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيو

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري سامونڊي معاملن واري وزارت ۾ مسيحي ملازمن سان گڏجي ڪرسمس جو ڪيڪ ڪٽي مسيحي برادري سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي وفاقي وزير چيو ته ڪرسمس سڄي دنيا ۾ محبت، برداشت ۽ خيرخواهي کي هٿي ڏيڻ جو موقعو آهي، پاڪستان ۾ اقليتن کي آئيني طور تي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي حڪومت اقليتن جي ڀلائي ۽ ترقي ۽ حقن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي

قومي ايئرلائين جي نجڪاري: فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني به عارف حبيب ڪنسورشيم ۾ شامل

اها پارٽنر شپ ايئر لائين جي مالي مدد ۽ ڪارپوريٽ مهارت جو حصو هوندي: ڪنسورشيم طرفان جاري ڪيل پڌرائي

زميني آپريشنز اپ گريڊيشن تي ايندڙ سال 125 ارب روپين جي سرمائيڪاري ٿيندي، پارٽنر شپ ايئر لائين جي مالي مدد ۽ ڪارپوريٽ مهارت جو حصو هوندي

لاهور (هر د) قومي ايئر لائين جي نجڪاري جي معاملي تي فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني عارف حبيب ڪنسورشيم ۾ شامل ٿي وئي. ڪنسورشيم طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ قومي ايئرلائين جي نجڪاري جي معاملي تي فوجي فرٽيلائيزيشن ڪمپني جي عارف حبيب ڪنسورشيم ۾ شامل ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اها پارٽنر شپ ايئر لائين جي مالي مدد ۽ ڪارپوريٽ مهارت جو حصو هوندي. ڪنسورشيم 135 ارب روپين جي سڀني کان وڌيڪ بولي سان 75 سيڪڙو حصص حاصل ڪيا. پڌرائي موجب فوجي فرٽيلائيزر عارف حبيب ڪنسورشيم سان گڏ انتظامي ڍانچي جو حصو هوندي. زميني آپريشنز اپ گريڊيشن تي ايندڙ سال 125 ارب روپين جي سرمائيڪاري ٿيندي. ياد رهي ته پي آءِ اي جي نجڪاري ۾ عارف حبيب ڪنسورشيم سڀني کان وڌيڪ 135 ارب جي بولي لڳائي قومي ايئر لائين جا 75 سيڪڙو حصص خريد ڪيا جڏهن ته ٻئي نمبر تي لڪي ڪنسورشيم 134 ارب روپين جي بولي لڳائي

مسوپرڳڙي لڳ هڪ ئي گهر جا پنج ٻار ارڙي ۾ مبتلا، هڪ فوت، ٻه اسپتال داخل

يوسي تاج پور جي ڳوٺ چوڌري فتح ۾ ارڙي وگهي ٻارڙي سبي ڌي رميش فوت ٿي وئي

هڪ ئي گهر ۾ هڪ ٻارڙو فوت ٿيڻ ۽ چار ٻارڙا ارڙي جن مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بعد سوڳ واري لهر

صحت کاتي مٽياري جي ڪارڪردگي سواليه نشان بڻيل، سياسي سماجي ڌرين پاران معاملي جو نوٽيس وٺڻ جي گهر

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ هڪ ئي گهر جا پنج ٻار ارڙي ۾ مبتلا هڪ فوت، ٻه اسپتال داخل صحت کاتو اگهور ننڊ ستل تفصيل موجب مسوپرڳڙي لڳ يوسي تاج پور جي ڳوٺ چوڌري فتح ۾ ارڙي وگهي ٻارڙي سبي ڌي رميش فوت ٿي وئي آهي جڏهن ته 6 ٻار اڃا ڳڻتي جوڳي حالت ۾ جن ۾ چار ٻار رميش جا آهن جن ۾ مهتاب، چانڊني، مهيش، ڪريتا شامل آهن جن مان ٻه اسپتال ۾ داخل آهن ۽ ڏتراج وزير ۽ روي وزير پڻ ارڙي ۾ مبتلا آهن. هڪ ئي گهر ۾ هڪ ٻارڙو فوت ٿيڻ ۽ چار ٻارڙا ارڙي جن مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بعد زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش هجڻ صحت کاتي مٽياري جي ڪارڪردگي تي سواليه نشان بڻيل آهي. علائقي جي سياسي سماجي ڌرين پاران صحت کاتي سنڌ کان درت معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

پاڪستان رڳو سياسي نعرن سان ناهي ٺهيو: بئريسٽر دانيال

قائداعظم جي بي مثال قانوني ذهانت، آئيني بصيرت سان پاڪستان ٺهيو

هي ملڪ اخلاقي وقار ذريعي جدوجهد جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو: پارلياماني سيڪريٽري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي ولادت جي ڏهاڙي جي موقعي تي پوري قوم کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان رڳو سياسي نعرن سان ناهي ٺهيو پر قائداعظم جي بي مثال قانوني ذهانت، آئيني بصيرت ۽ اخلاقي وقار جي ذريعي جدوجهد جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو قائداعظم جي اٽل جدوجهد هڪ خواب کي هڪ خودمختيار رياست ۾ تبديل ڪيو. قائد ڏهاڙي جي موقعي تي اي پي پي سان ڳالهائيندي بئريسٽر دانيال چيو ته محمد علي جناح برطانوي هند جي گهٽ عمر ترين ۽ باصلاحيت وڪيلن ۾ شمار ٿيندو هو هن چيو ته قائداعظم سڀ کان اڳ هڪ بئريسٽر هو جيڪو ان ڳالهه تي يقين رکندو هو ته انصاف، قانون ۽ آئيني جدوجهد ڪنهن به مظلوم قوم جو سڀ کان طاقتور هٿيار هوندو آهي. اي پي پي سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ۾ هن چيو ته قائداعظم قانوني دليلن کي هڪ قومي تحريڪ ۾ بدلائي ڇڏيو جنهن نندي کنڊ جي تقدير بدلائي ڇڏي ۽ اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته منظم ۽ باوقار وڪالت وڏي کان وڏي سلطنتن کي به شڪست ڏئي سگهي ٿي بئريسٽر دانيال ياد ڏياريو ته قائداعظم تمام گهٽ عمر ۾ وڪالت جي شعبي ۾ قدم رکيو ۽ جلد ئي پنهنجي غيرمعمولي ذهانت، آئين ۽ قانون تي عبور ۽ بنيادي حقن جي بي خوف دفاع جي ڪري نمايان مقام حاصل ڪيو. ان جي موجب عدالتن ۾ قائداعظم جو وقار حقيقتن تي مضبوط پڪڙ ۽ ادارن جو احترام بعد ۾ ان جي سياسي قيادت جو بنياد بڻيو هن چيو ته قائداعظم پنهنجي پوري زندگي ۾ اصولن تي ڪڏهن به ڪا نه ڪيو ڀلي اهي عدالتي ڪيس هجن يا نوآبادياتي حڪمرانن سان ڳالهه ٻولهه، قائداعظم سدائين دليل، صبر ۽ قانون جي بالادستي تي دارومدار ڪيو. پارلياماني سيڪريٽري چيو ته قائداعظم جو اقليتن جي حقن، قانون آڏو برابري ۽ جمهوري طرز حڪمراني تي اٽل يقين اڄ جي قانونسازن ۽ مستقبل جي قيادت جي لاءِ مڪمل رهنمائي فراهم ڪري ٿو هن چيو ته قائداعظم جو ويزن جنهن ۾ هر شهري کي آزادي سان عبادت ڪرڻ ۽ باعزت زندگي گذارڻ جو حق حاصل هجي، اڄ به پاڪستان جو اصل روح آهي. بئريسٽر دانيال وڪيلن، پارليامينٽ ميمبرن، نوجوانن ۽ پوري قوم تي زور ڏنو ته اهي قائداعظم جي ڪردار ديانت، صبر، جرئت ۽ محنت کي اختيار ڪن ۽ سياست کي اقتدار حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه پر عوامي خدمت سمجهن. پنهنجي پيغام جي پڄاڻي تي بئريسٽر دانيال دعا ڪئي ته قوم سدائين پنهنجي باني جي نظرين سان وفادار رهي ۽ بئريسٽر محمد علي جناح جو روح پاڪستان کي اتحاد، انصاف، آئيني بالادستي ۽ پائيدار قومي هم آهنگي جي راهه تي سدائين رهنمائي ڪندو رهي.

وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه پاران مسيحي برادري کي ڪرسمس جون مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه مسيحي برادري کي ڪرسمس جي موقعي تي دلي مبارڪون ڏنيون آهن. پنهنجي مبارڪن واري پيغام ۾ هن چيو ته مسيحي برادري تعليم صحت، عوامي خدمت ۽ دفاع سميت مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن جيڪي واکاڻ جوڳيون آهن مسيحي برادري پاڪستان جي ترقي جو اهم ٿنڀ آهي. وفاقي وزير آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪام واري وزارت ۾ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪٽڻ جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. وفاقي وزير مسيحي برادري لاءِ امن، صحت ۽ خوشحالي جي دعا پڻ ڪئي.

قومي اتحاد پاڪستان جي پائيداري ۽ مضبوطي جو بنياد آهي: سردار اويس احمد خان لغاري

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو آهي ته قائداعظم جا اصول اڄ به پاڪستان کي ترقي، استحڪام ۽ قومي هم آهنگي جي راهه تي گامزن رکڻ ۾ رهنما جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن قومي اتحاد پاڪستان جي پائيداري ۽ مضبوطي جو بنياد آهي باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو ته اسان سڀ رنگ، نسل، ٻولي، صوبائيت يا نظرياتي اختلافن کان مٿاهون ٿي ڪري هڪ متحد ۽ منظم قوم طور پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. پاڪستان هڪ رواداري جامع ۽ هڪجهڙن حقن تي ٻڌل معاشرو آهي. حڪومت سمورن شهرين کي بنامذهبي فرق جي هڪجهڙن حقن، تحفظ ۽ موقعن جي فراهمي يقيني بڻائيندي هن چيو ته اقليتي برادري کي قومي ترقي جي عمل ۾ مڪمل اعتماد ۽ اطمينان سان پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا فراهم آهن هن چيو ته قائداعظم جي اصولن جي پاسداري ڪندي پاڪستان کي هڪ پائيدار، مضبوط، خودمختيار ۽ عوام دوست ملڪ بڻائڻ لاءِ پوري طرح پرعزم آهيون

قائداعظم مسلمانن کي آزادي ۽ ڌار سڃاڻپ جي راهه ڏيکاري: عبدالعليم خان

باباءِ قوم مذهبي آزادي، قانون جي حڪمراني، آئيني بالادستي ۽ برابري جو علمبردار هو

پاڪستان جي باني موجب اڳتي وڌڻ لاءِ سنڌس رهنما اصولن کي اختيار ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو آهي ته قائداعظم مسلمانن جو هٿ پڪڙي کين آزادي ۽ ڌار سڃاڻپ جي راهه ڏيکاري، باباءِ قوم اسان کي مذهبي آزادي، قانون جي حڪمراني، آئيني بالادستي ۽ برابري جو علمبردار هو باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي يوم پيدائش تي مبارڪن واري پيغام ۾ وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو ته قائداعظم جو ويزن ذاتي مفادن لاءِ نه هو پر ايندڙ نسلن جي محفوظ مستقبل لاءِ هو سنڌس عزم هو ته اسان جي پرڏيهي پاليسي دنيا جي سمورين قومن سان دوستي ۽ خيرسگالي تي ٻڌل هجي هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت اڄ اسان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون. قائداعظم جي اصولن تي ٻڌل سياست، ڪڏهن مسلمانن جي بنيادي حقن تي سمجهوتو نه ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي باني موجب اڳتي وڌڻ لاءِ سنڌس رهنما اصولن کي اختيار ڪرڻو پوندو

ڪراچي ۾ آن لائين سيڙپڪاري فراڊ ۾ ملوث ڏيهي ۽ پرڏيهي 34 جوابدار گرفتار

انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائي دوران ڊي ايڇ اي فيز ون ۽ فيز 6 ۾ ڇاپا هنيا ويا

جوابدارن وٽان 37 ڪمپيوٽر، 40 موبائل فون، 10 هزار کان وڌيڪ غير ملڪي سمون ۽ ٻيو سامان هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو، قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار قومي سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ) پاران ڪراچي ۾ بين الاقوامي آن لائين سيڙپڪاري فراڊ نيٽ ورڪ خلاف ڪامياب ڪارروائي تي اداري جي ڪارڪردگي کي ساراهيو آهي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر اين سي سي آءِ طارق نواز سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي گهرو وزير ٻڌايو ته انٽيليجنس بنيادن تي ڪيل ڪارروائي دوران ڪراچي جي ڊي ايڇ اي فيز ون ۽ فيز 6 ۾ ڇاپا هنيا ويا، جن جي نتيجي ۾ 34 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جن ۾ 15 غير ملڪي ۽ 19 مقامي شهري شامل آهن. گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو ته گرفتار جوابدار آن لائين سيڙپڪاري فراڊ ۾ ملوث هئا، جيڪي شهرين کي سوشل ميڊيا ۽ ٽيليگرام گروپن ذريعي جعلي ڪرپٽو ڪرنسي ۽ فاريڪس سيڙپڪاري اسڪيمز ۾ ڦاسايو ويندو هو. جوابدار جعلي سيڙپڪاري پليٽ فارمن تي بوٽ بيسڊ سرگرمي ۽ فرضي منافعي جا ڏيک ڏئي متاثر ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪندا هئا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته جاچ دوران اهو به سامهون آيو آهي ته جوابدار هزارين غير ملڪي سمون ۽ غير قانوني گيٽ وي ايڪسچينج سيٽ اپس ذريعي جعلي سوشل ميڊيا ۽ ٽيليگرام اڪائونٽس ٺاهيا. اهي اڪائونٽس جعلي سرگرمين ۽ ٽي پي وصول ڪرڻ ۽ متاثر ماڻهن سان رابطي لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا. مقامي سطح تي حاصل ڪيل رقم بئنڪ اڪائونٽن وسيلي ڪرپٽو ڪرنسي ۾ تبديل ڪري ٻاهرين ملڪن ڏانهن منتقل ڪئي ويندي هئي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر اين سي سي آءِ موجب ڪارروائي دوران 37 ڪمپيوٽر سسٽم 40 موبائل فون 10 هزار کان وڌيڪ غير ملڪي سمون ۽ 6 غير قانوني گيٽ وي ايڪسچينج سيٽ اپس تحويل ۾ ورتا ويا آهن. سنڌ جي گهرو وزير اين سي سي آءِ جي پيشاورانه ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪندي چيو ته سائبر ڏوهه عوامي اعتماد ۽ مالي سلامتي لاءِ سنجيده خطرو آهن. هن واضح ڪيو ته منظم سائبر ڪرائم نيٽ ورڪن خلاف بغير ڪنهن امتياز جي ڪارروائيون جاري رهنديون.

ڪراچي ۾ اينٽي ڪرپشن کاتي جي ڪارروائي ليجنڊ ٽرسٽ فراڊ اسڪيم جو مک جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اينٽي ڪرپشن کاتي پاران وڏي ڪارروائي ڪندي ”ليجنڊ ٽرسٽ فراڊ اسڪيم“ جي مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي جي ترجمان موجب اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ضلعو اولهه (ويسٽ) ڪراچي جي ٽيم وفاقي اسپيشل ايجنسي جي سهڪار سان ڪيس نمبر 11/2025 ۾ نعمت الله نالي جوابدار کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدار مبينا طور ليجنڊ ٽرسٽ فراڊ اسڪيم جو مرڪزي ڪردار آهي. ڊائريڪٽر جنرل اينٽي ڪرپشن سنڌ امتياز علي ابڙو ٻڌايو ته جوابدار هڪ خانگي شخص آهي جنهن پاڻ کي ليجنڊ ٽرسٽ جو بااختيار نمائندو ظاهر ڪري فراڊ ڪيو ۽ ٽرسٽ جي چيڪ بڪ حاصل ڪئي. جوابدار پنهنجي ساٿين سان ملي تقريبن 2 ڪروڙ 50 لک روپين جا جعلي چيڪ پنهنجي نالي تي ڪيرايا.ڊي جي اينٽي ڪرپشن موجب، هن ڪيس ۾ مجموعي بدعنواني جي اندازن جو حجم تقريبن 5 ڪروڙ 80 لک رپيا آهي. ذريعن موجب اورنگي ڪالوني جي رهواسي نعمت الله ۽ چڪوال جي رهواسڻ جهانزيبا شوڪت خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو جعلي چيڪن ذريعي رقم منتقل ڪئي وئي، جڏهن ته بئنڪ عملو پڻ هن فراڊ ۾ مبينا طور ملوث رهيو آهي

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

S. #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LE-PT-ADMIN-307369462-2025	PROCUREMENT OF VEHICLES	12.01.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LBF-CESS-CHAK-307553001-2025	PDEW FOR WELL CHAK-63 WELL 5 SINDH	12.01.2026 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LBF-CESS-CHANDA-307552637-2025	CIVIL WORKS FOR WORK OVER JOB AT WELL CHANDA DEEP-1, KPK	12.01.2026 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LBF-CESS-NIM-307552769-2025	PDEW FOR WELL NIM-X1, SINDH	13.01.2026 AT 1130 Hrs
5.	OGDCL-SCM-LBF-CNESS-BETTANI-307552342-2025	PDEW FOR BETTANI-3, KPK	13.01.2026 AT 1130 Hrs
6.	OGDCL-SCM-LE-CSR-306856529-2025	PROCUREMENT OF DESKTOP COMPUTERS	13.01.2026 AT 1130 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-92002-3652

ogdcl.com
No. 351/36

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY


Quaid-e-Azam
Muhammad Ali Jinnah
1876 - 1948
25
DECEMBER
اعجاز احمد سومرو ايس ايچ او ماڊل ٿاڻو گل حسن لغاري انچارج سي آئي اي بدين

سرخ سلام اسان جمهوريت لاءِ لازوال قربانيون ڏيندڙ ايشيا جي عظيم اڳواڻ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو کي سندس 18 هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪندي ڪيس سلام پيش ڪريون ٿا ۽ اهو عزم ڪريون ٿا تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سندس چڏيل مشن کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين
سيد علي نواز شاهہ رضوي
سابق صدر پ پ حيدرآباد ڊويزن
سيد ضياءَ عباس شاهہ رضوي
پ پ اير پي اي ضلع ٽنڊوالهيار

هلو هلو
لاڙڪاڻي
هلو
27 ڊسمبر
يومِ شهادت
خراجِ عقيدت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 18هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. اچو تہ اڳوڻي ڊويزنل صدر سيد علي نواز شاهہ رضوي، اڳوڻي صوبائي وزير سيد ضياءَ عباس شاهہ رضويءَ جي قيادت ۾ شهيدن جي مزار تي ويندڙ قافلي ۾ شرڪت ڪري وفا جو وچن نڀايون.
نور محمد نظاماڻي
پاران
چيئرمين ٽائون ڪميٽي
پيارو لنڊ ضلعو ٽنڊوالهيار

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل لازوال قربانين تي ڪيس خراج عقيدت ۽ سرخ سلام پيش ڪيان ٿو صدر پاڪستان آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پ پ قيادت ۽ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ڇڏيل مشن کي پائي تڪميل تائين پهچائينداسين.
پاران:
پير محمد صالح قريشي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين

هلو هلو
لاڙڪاڻي
هلو
يومِ شهادت
27 ڊسمبر
خراجِ عقيدت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 18هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي هلي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان ۽ محبوب چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جا هٿ مضبوط ڪري قيادت ۽ پارٽي سان عهد وفا جو وچن ورجائي شهيدن جي ڇڏيل مشن کي مڪمل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو.
احسن نديم بوزدار
پاران
ميمبر ضلع ڪونسل
ضلع ٽنڊوالهيار

هلو هلو
لاڙڪاڻي
هلو
27 ڊسمبر
يومِ شهادت
خراجِ عقيدت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 18هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. اچو تہ اڳوڻي ڊويزنل صدر سيد علي نواز شاهہ رضوي، اڳوڻي صوبائي وزير سيد ضياءَ عباس شاهہ رضويءَ جي قيادت ۾ شهيدن جي مزار تي ويندڙ قافلي ۾ شرڪت ڪري وفا جو وچن نڀايون.
سيد جاذب شاهہ رضوي
پاران
چيئرمين ٽائون ڪميٽي
نصرپور ضلعو ٽنڊوالهيار

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل لازوال قربانين تي ڪيس خراج عقيدت ۽ سرخ سلام پيش ڪيان ٿو صدر پاڪستان آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پ پ قيادت ۽ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ڇڏيل مشن کي پائي تڪميل تائين پهچائينداسين
پاران:
مير انوار بخش ٽالپر
چيئرمين يونين ڪائونسل لواري شريف


ڈھونڈو گے ہمیں ملکوں ملکوں
ملنے کے نہیں نایاب ہیں ہم
27 December th
دخترِ مشرق
شهيد محترمہ
شہید
بينظير بھٹو
کی 18 برسی پر خراج
تحسین پیش کرتے ہیں
بیریسٹر عمران اکبر رند
رهنما پي پي پي اڳوان سڪرنڊ
@gfxparvaizkeerio

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
نويد حسين زڱور
چيئرمين يوسي لاڪات ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
پاران: حاجي گل حسن لغاري
چيئرمين يوسي لڪي آيت ميرواهہ ضلع ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
پاران: سردار شهباز لغاري پ پ اڳوان ضلع ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
پاران: حاجي عبدالوهاب نظاماڻي ساٻق ممبر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ضلع ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
حاجي غلام مصطفيٰ جت
وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
رئيس حاجي غلام علي زڱور
پ پ اڳوان ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
رئيس مظفر خان نظاماڻي
پ پ اڳوان ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
ظهير احمد لنڊ
چيئرمين يوسي سعيد خان لنڊ ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
ڪوڙا رام ٺاڪر
صدر پ پ مينارٽي ونگ
ضلع ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
پاران: منور علي مغل
صدر پ پ ڪلچرل ونگ ضلع ٽنڊو محمد خان

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
ايشياء جي عظيم ليبر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر عظيم نياڻي
ملڪ جي بقا، عوام جي سربلندي ، خوشحالي لاءِ جدو جهد ڪندي
شهادت ماڻيندڙ شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ کي 18
هين ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو.
پاران: رئيس پير بخش چانگ
چيئرمين يوسي نصير خان چانگ ضلع ٽنڊو محمد خان

هلو هلو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو هلو
خواب نگر جي شهزادي، عظيم قائد جي عظيم نياڻي
شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو
جي 18 هين ورسي جي موقعي
تي ڪين عوام ڪارڻ ڏنل عظيم قرباني تي ڪين سرخ سلام ۽
خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو.
27 December
پاران: سردار محمد اسماعيل چڇر
چيئرمين يونين ڪائونسل شاهپور رضوي ٽنڊوالهيار

هلو هلو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو هلو
خواب نگر جي شهزادي، عظيم قائد جي عظيم نياڻي
شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو
جي 18 هين ورسي جي موقعي
تي ڪين عوام ڪارڻ ڏنل عظيم قرباني تي ڪين سرخ سلام ۽
خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو.
27 December
پاران: مولابخش ٽيهو
سينيئر نائب صدر پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعو ٽنڊوالهيار

هلو هلو
لاڙڪاڻي
هلو
يومِ شهادت
27 ڊسمبر
خراجِ عقيدت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 18هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت ڪريون ٿا. اچو تہ ۽ ٽنڊوالهيار ضلعي مان پ پ اڳواڻن جي قيادت ۾ شهيدن جي مزار تي ويندڙ قافلي ۾ شرڪت ڪري وفا جو وچن نڀايون.
مير حسن مري
پاران
چيئرمين يوسي جهنڊو مري
ضلعو ٽنڊوالهيار

خراجِ عقيدت
27 ڊسمبر
يومِ شهادت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽوجي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي 18هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا.
حاجي محمد علي درس
پاران
ميمبر ضلعي ڪائونسل
ٽنڊوالهيار

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
دنيا جي پهرين مسلمان عورت وزيراعظم جمهوريت لاءِ قرباني ڏيندڙ عظيم ليبر شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ انجمن اتحاد عباسيہ صوبي سنڌ جي صدر سردار شاهنواز خان عباسي صاحب جي اڳوائي ۾ سڳيون شهر کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو لاءِ ويندڙ قافلي ۾ شريڪ ٿي وفا جو وچن نڀايون.
پاران:
گلاب خان ڪلهوڙو
پاڪستان پيپلز پارٽي سڳيون

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل لازوال قربانين تي ڪيس خراج عقيدت ۽ سرخ سلام پيش ڪيان ٿو صدر پاڪستان آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پ پ قيادت ۾ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ڇڏيل مشن کي پائي تڪميل تائين پهچائينداسين.
پاران:
رئيس تيمور خان سريوال
چيئرمين يو سي ماڻڪ لغاري تعلقہ ماتلي ضلع بدين

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل لازوال قربانين تي ڪيس خراج عقيدت ۽ سرخ سلام پيش ڪيان ٿو
پاران:
سيد عذير اختر شاهہ جاموٽ
چئيرمين ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ

جيئي شهيد راڻي بينظير ڀٽو
جيئي ڀٽو
شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 ورسي جي موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل لازوال قربانين تي ڪيس خراج عقيدت ۽ سرخ سلام پيش ڪيان ٿو صدر پاڪستان آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري .ايم اين اي شازيا مري ۽ سينيٽر قرت العين مري سميت پ پ قيادت ۾ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ڇڏيل مشن کي پائي تڪميل تائين پهچائينداسين.
پاران:
رئيس اورنگ زيب مري
چئيرمين ٽاون ڪاميٽي ٻيراڻي تعلقو جام نواز علي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 26 ڊسمبر 2025ع

ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس: اتحاد، سلامتي ۽ وقار جو واضح اعلان

پاڪ فوج جي 273هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس مان جيڪو پيغام سامهون آيو آهي، اهو رڳو هڪ ادارتي بيان نه پر هن نازڪ دور ۾ قوم لاءِ واضح رهنمائي پڻ آهي. قومي يڪجهتي، سلامتي ۽ استحڪام بابت جيڪا واضح لڪير ڇڪي وئي آهي، اها ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته پاڪستان هن وقت اندروني ۽ بيروني ٻنهي محاذن تي حساس مرحلي مان گذري رهيو آهي، جتي ڪنهن به قسم جي انتشار، شڪ ۽ بداعتمادي جي گنجائش موجود ناهي. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو اهو بيان ته "پاڪ فوج ۽ عوام جي وچ ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي"، دراصل انهن قوتن لاءِ ڪليل خبرداري آهي جيڪي سوشل ميڊيا، سياسي بيانن يا بيروني ايجنڊائن وسيلي رياستي ادارن ۽ عوام کي آمهون سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. پاڪستان جي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به عوام ۽ ادارن جي وچ ۾ ڀروسي کي نقصان پهتو تڏهن ان جا فائدا دشمن قوتن کنيا. ان پس منظر ۾ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس جو زور قومي اتحاد تي هئڻ، وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪانفرنس دوران دهشتگرديءَ جي خلاف 'بغير ڪنهن رعائت جي' ڪارروائي جو اعلان به انتهائي اهم آهي. خاص طور تي 'ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن' جو حوالو ان حقيقت کي اجاگر ڪري ٿو ته دهشتگردي هاڻي رڳو اندروني مسئلو نه رهيو آهي پر ان جا پاڙيسري ملڪن سان ڳانڍاپا به واضح ٿي چڪا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي قومي سلامتيءَ بابت گڏيل موقف اختيار ڪرڻ، هر ذميوار سياسي ۽ سماجي قوت جي ذميواري بڻجي ٿي. اها ڳالهه پڻ اهم آهي ته فورم دهشتگردي، ڏوهن ۽ سياسي مفادن جي گٺ جوڙ کي ڪليءَ ريت رد ڪيو. پاڪستان ۾ ماضيءَ ۾ اهڙا مثال موجود رهيا آهن جتي ڪجهه سياسي مفادن خاطر دهشتگرد عنصرن سان اڻ سڌي همدردي يا خاموشي اختيار ڪئي وئي، جنهن جو نقصان سڄي قوم کي ڀوڳڻو پيو. ڪور ڪمانڊرز فورم جو هي واضح موقف ان ڳالهه جو اشارو آهي ته هاڻي اهڙي ڪنهن به راند کي برداشت نه ڪيو ويندو.

بلوچستان بابت ڪانفرنس جا خيال خاص توجهه جوڳا آهن. فورم بلوچستان حڪومت جي ترقياتي قدمن کي ساراهيندي اهو واضح ڪيو ته صرف بندوق سان نه پر سماجي رابطن، ترقي ۽ بهتر گورننس سان به دهشتگرديءَ جي جڙن کي ختم ڪري سگهجي ٿو. بلوچستان ۾ احساسِ محرومي، بيروزگاري ۽ ترقيءَ جي کوٽ کي دهشتگرد قوتن هٿيار طور استعمال ڪيو جنهن کي هاڻي رياستي سطح تي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. اهڙا ترقياتي ماڊل جيڪڏهن ٻين متاثر علائقن ۾ به لاڳو ڪيا وڃن ته ملڪ ۾ پائيدار امن جا امڪان وڌي سگهن ٿا. ڪشمير ۽ فلسطين بابت پاڪستان جي اصولي موقف جي ٻيهر توثيق به هن ڪانفرنس جو اهم پهلو آهي. هڪ طرف ڀارت والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون جاري آهن ته ٻئي طرف غزه ۾ اسرائيلي جارحيت انسانيت کي شرمنده ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان جو اهو واضح موقف ته ڪشميري ۽ فلسطيني عوام کي حقِ خود اراديت حاصل هجڻ گهرجي، عالمي ضمير لاءِ به هڪ اخلاقي آواز آهي. خاص طور تي غزه ۾ فوري جنگبندي ۽ بنا رڪاوٽ انساني امداد جي گهر، پاڪستان جي سفارتي ۽ اخلاقي پاليسيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ تي آرمي چيف پاران آپريشنل تياري، نظم و ضبط، جديد ٽيڪنالاجي ۽ پيشه ورانه مهارت تي زور ڏيڻ، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته بدلجندڙ جنگي حالتن ۾ پاڪستاني فوج پاڻ کي جديد ضرورتن سان هم آهنگ ڪري رهي آهي. اڄ جي جنگ رڳو ميدان ۾ نه پر انٽيليجنس، سائبر اسپيس ۽ ميڊيا جي محاذ تي به وڙهي پئي وڃي، جتي تياري ۽ شعور ٻنهي جي ضرورت آهي.

بهرحال، ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس مان نڪرندڙ پيغام صاف آهي ته پاڪستان جو استحڪام عوام ۽ ادارن جي گڏيل اعتماد سان ئي ممڪن آهي. دهشتگردي هجي، سياسي انتشار هجي يا ٻاهريون سازشون، انهن سڀني جو مقابلو رڳو قومي يڪجهتيءَ سان ئي سگهي ٿو. جيڪڏهن قوم ۽ رياست هڪ ٻئي سان گڏ بيٺا ته پاڪستان نه رڳو محفوظ رهندو پر عزت، وقار ۽ ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌندو.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مٿي راهه رَوان ٿِيا، ڀُورَبِ ڀُوريائُون؛
هِيءُ گهرُ گهوريائُون، آڳانڊِيائُون اڳِيان.

(سُر پورب)

فولاد کان به مضبوط: پاڪ-تُرڪ دوستي!

ڊاڪٽر فرقان حميد

عالمي سياست ۾ اهڙا لمحا ايندا آهن، جيڪي صرف تقريبن يا تقريرن تائين محدود ناهن هوندا پر اهي ايندڙ ڏهاڪن لاءِ طاقت، اتحاد ۽ رستي جو تعين ڪندا آهن. استنبول شپ يارڊ ۾ جمهوريه تُرڪيه جي صدر رجب طيب اردگان جي تازي تقرير اهڙو ئي هڪ لمحو هو جنهن ۾ هُن دفاعي صنعت جي ڪاميابين جو ذڪر ڪندي نه صرف تُرڪيه جي خودمختيار عسڪري طاقت جو اعلان ڪيو پر پوري دنيا کي واضح پيغام ڏنو ته پاڪستان اسان جو سچو ۽ وفادار اتحادي ملڪ آهي ۽ پاڪ-تُرڪ دوستي هميشه قائم رهندي. اهي لفظ ڪنهن سفارتي يا عارضي سياسي فائدي لاءِ نه هئا. اهي هڪ اهڙي اڳواڻ جي دل جي آواز هئا، جنهن پنهنجي قوم کي دفاعي انحصار کان آزاد ڪري پاڻ ڀروسي، خودڪفالت ۽ عالمي اثر ۽ رسوخ جي رستي تي آندو ۽ ان جي نظر ۾ پاڪستان صرف هڪ اسٽريٽجڪ اتحادي نه پر هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ ايماني رشتو به آهي.

پاڪستان ۽ تُرڪيه جي تعلق کي صرف سفارتي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ان تعلق جي توهين هوندي. هي رشتو سفارتي آفيسن ۾ پيدا نه ٿيو پر تاريخ، قرباني ۽ گڏيل احساسِ امت ۾ پروان چڙهيو. رجب طيب اردگان جي حڪومت تُرڪيه جي تاريخ ۾ هڪ واضح لڪير جي حيثيت رکي ٿي. اهڙو دور، جنهن ۾ تُرڪيه دفاعي ميدان ۾ پرڏيهي انحصار کي قومي سلامتيءَ لاءِ سڀ کان وڏو خطرو سمجهيو ۽ ان انحصار کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪري ورتو. تُرڪيه کي نيٽو جي ميمبر هجڻ باوجود هٿيارن تي پابندين کي منهن ڏيڻو پيو پر اهي پابنديون تُرڪيه کي ڪمزور ڪرڻ بدران مضبوط بڻائڻ جو سبب ٿيون. صدر اردگان فيصلو ڪيو ته تُرڪيه هاڻي هٿيار نه وٺندو پر پاڻ ناهيندو ۽ دنيا کي وڪرو ڪندو ۽ هن اهو ڪجهه سالن اندر ڪري دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو.

هاڻي تُرڪيه نه صرف پنهنجن لاءِ سامونڊي جهاز ناهي رهيو آهي، پر دنيا جي مختلف ملڪن لاءِ پڻ سامونڊي جهاز تيار ڪري رهيو آهي. 2018ع ۾ پاڪستان ۽ تُرڪيه جي وچ ۾ طئي ٿيل ميلگيم جنگي جهازن جو معاهدو پاڪ-ترڪ دفاعي تعلقات جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل آهي. هي صرف جهاز خريد ڪرڻ نه آهي پر ٽيڪنالاجي ٽرانسفر، مقامي شپ بلڊنگ جي بحالي، انجنيئرنگ مهارت جي منتقليءَ ڊگهي مُدت وارن اسٽريٽجڪ شراڪت جو عملي مظاهرو آهي. استنبول شپ يارڊ ۾ منعقد ٿيل تقريب صرف نون سامونڊي جهازن جي حوالگيءَ جو موقعو نه هئي پر حقيقت ۾ ٽي وڏا پيغام هئا: تُرڪيه دفاعي صنعت ۾ عالمي سطح تي هڪ سنجيده طاقت بڻجي چڪو آهي، پاڪستان تُرڪيه جو ترجيحي ۽ قابل اعتماد اسٽريٽجڪ اتحادي آهي، پاڪ-ترڪ دفاعي تعاون صرف خريد ۽ کپائڻ نه پر گڏيل صلاحيت سازي آهي.

صدر اردگان فخر سان ٻڌايو ته اڄ دنيا ۾ صرف 10 ملڪ اهڙا آهن، جيڪي پنهنجا جنگي سامونڊي جهاز پاڻ ڊزائين ۽ تيار ڪري سگهن ٿا ۽ تُرڪيه انهن ۾ شامل آهي. تُرڪيه پاران پاڪستان لاءِ تيار ڪيل ڇهن جنگي جهازن مان ٻه تُرڪيه ۾ تيار ڪيا ويا، جڏهن ته ٻه جهاز تُرڪيه جي نگرانيءَ ۾ ڪراچي شپ يارڊ ۾ ناهيا ويا.

اهي جهاز جديد سينسرز، ريڊار، اينٽي سب ميرين وار فيئر، ميزائيل سسٽمز ۽ اليڪٽرانڪ وار فيئر صلاحيتن سان ليس آهن. انهن جي شموليت سان پاڪستاني ساحلي دفاعي صلاحيت وڌائي رهي آهي، عرب سمنڊ ۾ ڊيٽرنس مضبوط ڪري رهي آهي ۽ خطي ۾ طاقت جي توازن کي نئين شڪل ڏئي رهي آهي. اهي سڀ ڪجهه اهڙي وقت ٿي رهيو آهي، جڏهن ڀارت پنهنجي سامونڊي توسيع ذريعي هندي سمنڊ تي هڪ طرفو اثر ۽ رسوخ قائم ڪرڻ چاهي رهيو آهي.

هڪ اهڙي دنيا ۾ جتي وڏي طاقتون ٻهراڙي معيار اپنائين ٿيون، پاڪستان ۽ تُرڪيه جو دفاعي گڏيل هڪ نئين عالمي بيانيي کي جنم ڏئي رهيو آهي، اهڙو بيانيو، جنهن ۾ خودمختياري، شراڪت ۽ باهمي احترام بنيادي اصول آهن. پاڪستان پاران تُرڪيه کي 52 تربيت يافته جهاز فراهم ڪرڻ به هن دفاعي تعلق جو هڪ اهم پاسو آهي. هي سودو صرف واپاري نه پر ان ڳالهه جو اعتراف آهي ته تُرڪيه

ڪتاب قومي قيادت کي للڪاري رهيا آهن



محمود شام

منهنجا نوجوان دوستو!

توهان کي هاڻي اُن اهم ۽ بنيادي تبديليءَ جو پورو احساس ٿيڻ گهرجي، جيڪا اڳ ئي رونما ٿي چڪي آهي. هاڻي صرف سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ تي نه پاڙيو. جيڪا توهان مان گهڻن جي دلي خواهش رهي آهي. توهان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته توهان لاءِ نون شعبن، نون ذريعن ۽ نون موقعن جا در کُلي چڪا آهن. هاڻي توهان کي پنهنجو ڌيان سائنس، واپار، بينڪنگ، انشورنس (بيما)، صنعت ۽ فني تعليم ڏانهن مرڪوز ڪرڻو پوندو *(قائداعظم محمد علي جناح- اسلاميه ڪاليج پشاور جي شاگردن پاران پيش ڪيل سپاس نامي جي جواب ۾ تقرير، 12 اپريل 1948)*

ڪالهه باني پاڪستان جي سالگرهه هئي، جنهن جي ڪيس مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. حالتون جيڪي به هجن، جيڪڏهن قائداعظم نه هجي ها ته اسان کي هيءُ الڳ وطن ڪڏهن به نصيب نه ٿئي ها. هن ملڪ سان اسان جيڪو به ورتاءُ ڪيو آهي، اهو اسان جي پنهنجين ڪوتاهين جو اظهار آهي. هن سرزمين ۾ الله تعاليٰ جي ڪهڙي نعمت ناهي؟ ڪهڙو موسم آهي جيڪو اسان کي ميسر ناهي؟ ڪهڙو معدني خزانو آهي جيڪو هتي موجود ناهي؟ صدين تي پکڙيل ثقافتون، هزارين سالن جو تمدن، سنڌي، اردو، پنجابي، سرائڪي، پشتو، بلوچي، ڪشميري، بلتي ۽ براهوي ٻولين جي عظيم شاعري ۽ داستان ۽ صوفي بزرگن جو اهو ڪلام، جيڪو اڄ به دلين ۾ گونجي ٿو. قائداعظم جي بصيرت ڏسو جو هو ست ڏهاڪا اڳ نوجوانن کي چوندي نظر اچن ٿا ته رڳو سرڪاري نوڪريءَ کي پنهنجو خواب نه بڻايو پر پنهنجو ڌيان سائنس، واپار، بينڪنگ، انشورنس (بيما)، صنعت ۽ فني تعليم ڏانهن مرڪوز ڪيو. اسان سڀ قائداعظم جو نالو وٺون ٿا، پر مستقبل جي تعمير لاءِ هُن جن شعبن ۽ جن نڪتن ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ساڳئي وقت جيڪي خطرا ۽ خدشا ظاهر ڪيا، انهن مان اسان ڇا سکيو؟

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان قائداعظم جي خدشن ۽ خطرن کي ته عملي شڪل ڏئي ڇڏي، پر جن قدمن لاءِ هُن اسان کي همٿايو، انهن کي اسان جي جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ رياستي مافياز گڏجي پٺ تي ڌڪي ڇڏيو. اسان جا پنج ڏينهن ڪتابن جي وچ ۾ گذريا. جڏهن ته ان کان اڳ هڪ ڏينهن اسان ڀنڀور، مڪلي، ٺٽو ۽ ڪينجهر ڍنڍ تي گذاريو هو. سلام آهي ڪتاب ميلي جي منتظمين کي، ناشرن ۽ ليکڪن کي ۽ انهن اسڪولن جي استادن، عورتن ۽ مردن کي، جيڪي اسان جي مستقبل، اسان جي ٻارن ۽ نياڻين کي ٽولن جي صورت ۾ ميلي ۾ وٺي آيا. رونق وڌائي. اسان کي ته پنهنجي اسٽال تي سوين هم وطن ٻارن، نياڻين، مائرن، ڀينرن، بزرگن، شاگردن، استادن ۽ محققن سان ڳالهه ٻولهه جو موقعو مليو. آئون بزرگن کي چوان ٿو ته اسان جا نوان نسل اسان کان وڌيڪ باخبر آهن. انهن وٽ اسمارٽ فون ۽ سوشل ميڊيا جي طاقت موجود آهي. اهي پاڪستان کي يقينن اسان کان بهتر سنڀاليندا. اسان ته پنهنجي مصلحتن ۽ لالچن ۾ گهڻو ڪجهه وڃائي ڇڏيو، وڃائي ڇڏيو، ڊاهي ڇڏيو. اِهي نسل نه رڳو اهو سڀ ملبو هٽائيندا، پر نيون وسنديون به تعمير ڪندا. آئون وري پنهنجي اها خواهش ورجايان ٿو ته ڪنهن تحقيقي اداري کي گهرجي ته انهن پنجن ڏينهن جي رجحانن جو جائزو وٺي هڪ جامع رپورٽ تيار ڪري ۽ ان کي عام ڪري. اهڙي رپورٽ سان واهگا کان گوادر تائين پکڙيل مايوسي ختم ٿي سگهي ٿي. آفرين آهي انهن سڀني پاڪستانين کي، جيڪي هزارن جي تعداد ۾ ڪتابن جي تلاش ۾ هتي اچن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن صدر يا وزيراعظم جو اچڻ هجي ته جهنگ ۾ به روڊ تيار ڪيا وڃن ٿا، پر جڏهن رڳو ڪنهن صوبائي وزير تعليم کي افتتاحي تقريب ۾ اچڻو هجي ته زبانِ حال سان چئڻ ڪيس اهو ئي چوڻو پوي ٿو: 'انهن ٿي پٿرن تي هلندي، جيڪڏهن اچي سگهو ته اچو... منهنجي گهر جي رستي ۾ ڪا ڪهڪشان ناهي.' انهن پنجن ڏينهن ۾ اسان ڪتاب جي لازوال طاقت جو عملي تجربو ڪيو. ڪيئن سنڌي، سرائڪي، بلوچ، پشتون، ڪشميري، گلگتي، پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سڀ ڪتابن جي ڳولا ۾ انهن ٽن هالن ۾ ٽولن جي صورت ۾ داخل ٿي رهيا هئا. انهن ۾ ديني مدرسن جا ماڻهو به هئا، يونيورسٽين جا شاگرد به. هر ٻولي ڳالهائيندڙ هر چمار جا پاڪستاني مون کي انهن جي چهرن ۾ هڪ امنگ نظر آئي ۽ انهن جي پيشانين تي پڪو عزم. ڪجهه پيڙهين کي اها ڳڻتي هئي ته حالتون ڪڏهن بدلجنديون؟ قيدي ڪڏهن آزاد ٿيندا؟ اڪثريت مايوس نه هئي، پر ضرور پريشان هئي ته اسان جي معيشت ڪڏهن پٽڙيءَ تي واپس ايندي؟ اسان جي سياست ڪڏهن آئين جي دائري ۾ منظم ٿيندي؟ اسان کي پنهنجي منزل جو صحيح شعور ڪڏهن حاصل ٿيندو؟ جيڪڏهن قومي سياسي جماعتون پنهنجي اندروني اختلافن ۽ ذهني الجهنن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ته اهي ڪتابي ميلن مان وڏو سبق حاصل ڪري سگهن ٿيون. اهي پنهنجي ڪارڪنن لاءِ به اهڙا ميلا منعقد ڪن. سالن کان جماعتن سان وفاداري نڀائيندڙ ماڻهن کي موقعو ڏين ته هو حالاتِ حاضره ۽ پنهنجي جماعتن جي پاليسين تي دل کولي اظهار ڪري سگهن. جڏهن قومون اهڙين آزمائشن مان گذرن ٿيون، جهڙين مان پاڪستان هن وقت گذري رهيو آهي، تڏهن پارلياميٽ ئي قوم جي رهنمائي ڪندي آهي. اُتي آزاديءَ سان بحث ٿيندا آهن ته اسان جا قومي مفاد ڪهڙا آهن. ڪهڙن ملڪن سان اسان جا گڏيل مفاد آهن ۽ انسانيت جي وقار جي حفاظت لاءِ ڪهڙن ملڪن سان اسان جا اختلاف آهن. جمهوري ملڪن ۾ پارليامينٽ ئي پرڏيهي پاليسيءَ جو تعين ڪري ٿي ۽ پارليامينٽ ئي مذهبي پاليسيون طئي ڪري ٿي. رياستي ادارن جو ڪم ته رڳو انهن پاليسين تي عملدرآمد ڪرڻ هوندو آهي. اڄ اسان جي سياسي ۽ فوجي قيادت جن ملڪن جا دورا ڪري رهي آهي ۽ جيڪي پرڏيهي اڳواڻ پاڪستان جي دوري تي اچي رهيا آهن، انهن سڀني سرگرمين جا آخرڪار مقصد ڪهڙا آهن؟ انهن مان پاڪستان جي عوام جا ڪهڙا مسئلا حل ٿيندا؟ اسان جي معيشت ڪيئن مضبوط ٿيندي؟ برآمدات ڪيئن وڌنديون؟ روزگار جا موقعا ڪهڙن شعبن ۾ وسيع ٿيندا؟ ۽ ڇا اسرائيل کي تسليم ڪرڻ، ابراهيم اڪارڊ ۾ شامل ٿيڻ، اسان جي اڪثريت جي نظر ۾ قابل قبول آهي يا نه؟

هر سال ڪتاب ميلي ۾ هڪ طرف اهو ذهني سڪون ملي ٿو ته ڪتاب اڃا زنده آهن ته ٻئي طرف اهو حوصلو به ملي ٿو ته پرنٽ ميڊيا جو هڪ مضبوط حلقو اڃا باقي آهي. سترورهين کان مٿي عمر وارا پڙهندڙ به مليا، جيڪي پنجاهه واري ڏهاڪي کان اخبارون پڙهي رهيا آهن ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ پيدا ٿيل نوجوان پٽ ۽ ڌيئرون به مليون، جن منهنجو اڄ وارو ڪالم به اخبار ۾ پڙهيو هو. نيٽ تي اخبار جا پڙهندڙ ته گهڻا ملن ٿا، پر مائرون ۽ پيئر اڄ واري مضمون ۾ انهيءَ جملي جو خاص حوالو ڏين ٿا: 'اڄ اچر آهي، پنهنجن پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏهٽن، ڏهٽين، ڀائرن ۽ ڀائٽين سان گڏ منجهند جي ماني کائڻ جو ڏينهن.' ڪجهه ڌيئرن شڪايت ڪئي ته سنڌن والد اچر ڏينهن دوستن سان ملڻ نڪري وڃن ٿا ۽ اسان سان گڏ ماني نٿا کائين. پر اڪثريت ٻڌايو ته اسان اچر تي گڏجي منجهند جي ماني کائيندا آهيون. يقين ڪريو، ڪتاب ميلو اسان کي ايندڙ سڄي سال لاءِ نئين توانائي ڏئي ڇڏي ٿو ملڪي حالتن کي سنڀالڻ ۽ رياست کي هڪ واضح سمت ڏيڻ قومي سياسي جماعتن جي ذميواري آهي. قومي قيادت رڳو اهڙيءَ ريت سرخرو ٿي سگهي ٿي ۽ مملڪت به اهڙيءَ ريت مستحڪم ٿي سگهي ٿي. شعور ۽ دانائيءَ جو فصل پچي رهيو آهي. جيڪي به پاڻ کي قيادت جا دعويدار سمجهن ٿا، ڪتاب انهن کي للڪاري رهيا آهن ته خبردار رهو، وقت هٿن مان نڪري نه وڃي.

اڳوڻي صوبائي وزير سيد قبول محمد شاهه جو وڇوڙو!



اعظم ڀٽي

سيد قبول محمد شاهه ولد سيد محمد سعيد شاهه 1952ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ضلعي جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي يونين ڪائونسل سعيدپور جي ڳوٺ سعيدپور ۾ جنم ورتو. سيد قبول محمد شاهه ٽنڊو محمد خان ۽ ان جي آسپاس جي سياسي قدآور شخصيت رهيو. پاڻ 1988ع جي اليڪشن ۾ حيدرآباد ضلعي جي تڪ پي ايس 45 تان پيپلزپارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي 23 هزار 5 سئو 32 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو هو. جڏهن ته سنڌس مخالف آزاد اميدوار حاجي عبدالخالق سومرو صرف 2 هزار 8 سئو 74 ووٽ کڻي سگهيو هو. سيد قبول محمد شاهه 1988ع کانپوءِ 1990ع ۾ به پ پ پ جي پليٽ فارم تان سنڌ اسيمبليءَ جو ايم پي اي چونڊيو ويو. 1990ع واري اليڪشن ۾ پڻ پيپلز پارٽيءَ پاران ساڳئي تڪ پي ايس 45 تان ڪامياب ٿيو هو جڏهن ته سنڌس مخالف آزاد اميدوار مير اعجاز علي خان ٽالپر ڪجهه ووٽ کڻي هارائي ويو. جڏهن ڄام صادق عليءَ کي وزيراعليٰ سنڌ چونڊيو ويو، ان وقت سيد قبول محمد شاهه پيپلز پارٽيءَ کان پنهنجون راهون جُدا ڪري ڄام صادق جي سياسي ڪيمپ ۾ شموليت اختيار ڪئي. جنهن دوران ڪيس فاريسٽ ۽ وائيلڊ لائيف کاتي جو صوبائي وزير مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد 1993ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ سيد قبول شاهه ساڳئي تڪ تان مسلم ليگ (ن) جي ٽڪيٽ تان عام چونڊن ۾ حصو ورتو. سنڌس مقابلي ۾ پ پ پ اميدوار حاجي محمد امين لاکو 15 هزار 9 سئو 94 ووٽ کڻي ڪاميابي ماڻي هئي، جڏهن ته سيد قبول محمد شاهه 11 هزار هڪ سئو 11 ووٽ کڻي چونڊ هارائي ويو هو. ٽيانوي واري اليڪشن بعد پاڻ هڪ وڏو عرصو سياسي طور ڪناره ڪش رهيو. اُئين هُو مسلسل به پيرا، يعني 19 نومبر 1988ع کان 6 آگسٽ 1990ع تائين ۽ 4 نومبر 1990ع کان 19 جولاءِ 1993ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو ۽ هڪ ڀيرو سنڌ حڪومت ۾ صوبائي وزير رهيو. 2004ع ۾ هڪ ڌُرسان تڪرار سبب مٿس خُون جو ڪيس داخل ٿيو هو. اڳتي هلي ان ڪيس ۾ پاڻ گرفتار پڻ ٿيو ۽ 2010ع ڌاري ان ڪيس مان آزادي ماڻي آزاد ٿيو. 2007ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي ڪجهه سالن بعد هن پنهنجي پراڻي دوست ۽ محترمه بينظير ڀٽو جي وَر، موجوده صدرِ مملڪت آصف علي زرداريءَ سان پراڻا رستا بحال ڪيا. جنهن بعد هُن ذاتي طور سياسي ميل جول کي قائم رکيو پر عملي سياست ۾ پنهنجي فرزندن کي اڳيان ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 2015ع واري مڪاني چونڊن ۾ سنڌس فرزند سيد محمد سعيد شاهه عرف ذيشان شاهه، ٽنڊومحمد خان جي ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. سيد قبول محمد شاهه علائقي جي بااثر شخصيت طور ڪيترين ئي يادون ڇڏي ويو آهي. جڏهن ته آخري وقت ۾ هُو ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙي رهيو هو. آخرڪار ڪالهه 25 ڊسمبر خميس جي ڏينهن تي صبح جو پنهنجي اباڻي ڳوٺ سعيدپور ۾ هي جهان ڇڏيو.

اُميدن جي قتلام جو ڏينهن..!

قاسم خاصخيلي

27 ڊسمبر اهو اڀاڳو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن پاڪستان جي ڪروڙين عوام جي اکين ۾ آيل خوشحاليءَ جا خواب پورا ٿي ويا هئا. اُميدن جا روشن ڏيئا اُجهائجي ويا ۽ لکين دلين کي اهڙو گهاءُ لڳو جيڪو اڄ تائين ڇُٽڻ جو نالو نٿو وٺي. هن ڏينهن تي دنيا جي اها عظيم ليڊر اسان کان هميشه هميشه لاءِ جُدا ڪئي وئي، جيڪا ملڪ ۽ ملڪ جي مظلوم قوم جي ترقيءَ سان گڏ معاشي مضبوطيءَ جو اُهڃاڻ ۽ اميد بڻجي ٿئون جوش ۽ جذبو کڻي اچي عوام سان ملي هئي. هن پاران ڏيهه اچڻ واري ڏينهن، يعني 18 آڪٽوبر 2007ع تي سنڌس مٿان هڪ وڏو قاتلاڻو حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌس جانثارن سميت سوين شيدائي شهيد ٿي ويا هئا. ان هوندي به هيءُ بهادر عوامي ليڊر بجاءِ ڪنهن خوف جي وڌيڪ دليريءَ سان عوام جي وچ ۾ رهڻ لڳي، عوام سان واعدا اقرار ڪندي رهي ۽ ملڪ ٽوڙي قوم جي خوشحاليءَ جون دل ۾ تمنائون کڻي اڳتي وڌندي رهي پر ڪيس 27 ڊسمبر تي عوام سان ڪيل ان محبت جي ڏوهه ۾ راولپنڊيءَ ۾ هڪ عوامي جلسي کان پوءِ شهيد ڪيو ويو. دنيا جي تاريخ ڪٽي ڏسنداسين ته دنيا جي تختيءَ تي ڪيترائي عوام جا ليڊر اهڙا گذريا آهن، جن نه رڳو پنهنجي ملڪ لاءِ تاريخي ڪم ڪيا پر انهن پنهنجي عوام جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ اهي معرڪا پار ڪيا، جن جي بدلي عوام ساڻن عشق جي حد تائين پيار ڪري ٿو. عوامي ليڊر هوندو ئي اهو آهي، جيڪو پنهنجي سڄي ڄمار وطن ۽ وطن واسين جي لاءِ جيئندو رهيو هجي.

هونئن به تاريخ شاهد آهي ته جيڪي ليڊر يا اڳواڻ پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ جيئندا آهن، اهڙا ئي ڪردار دنيا ۾ امر ليکيا ويندا رهيا آهن، جن جا ڪوڙ سارا مثال ڏئي سگهجن ٿا. پاڪستان به دنيا جي انهن چند ملڪن مان هڪ اهڙو ملڪ آهي، جتي آزاديءَ کان پوءِ جمهوريت پسند اڳواڻن جي گهٽائي رهي آهي پر پوءِ اها الڳ ڳالهه آهي ته هتي جمهوريت تي راتاها به لڳندا رهيا آهن پر ان هوندي به اهڙا ڪيئن عوامي اڳواڻ آيا، جن جمهوريت جي لاءِ نه رڳو قربانيون ڏنيون پر هتان تاريخ ۾ پنهنجي منفرد ڪردار سبب پنهنجي عزت ناهي.

پاڪستان ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ اهڙو عوامي ليڊر ٿي گذريو آهي، جنهن جي جمهوريت پسندي ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل ڪمن سبب ڪيس هيءَ قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي ۽ نه ئي سنڌس صلاحيتن کان انڪار ڪري سگهجي ٿو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اهو واحد عوامي ليڊر هو، جنهن طاقتور ڌرين جي سامهون اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهايو. هُن صرف ئي صرف ملڪ ٽوڙي ملڪي عوام جي ڳالهه ڪئي پر هڪ ڊڪٽيٽر هٿان سنڌس حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ عدالت جي ذريعي ڦاهيءَ جي سزا ڏئي عدالتي قتل ڪيو ويو. شهيد ڀٽو جي شهادت بعد جڻ ته قوم کان هڪ قسم جو اعليٰ ليڊر کسيو ويو پر ان ئي عوامي ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نياڻي بينظير ڀٽو جيڪا شهيد ڀٽو صاحب جي گرفتاريءَ، سنڌس جيل ۾ هجڻ ۽ ڦاهيءَ واري عرصي دوران ڏکيي جلاوطنيءَ جون صعوبتون برداشت ڪرڻ بعد هوءَ ملڪ جي عوام ۾ اُميد جو روشن ڪرڻون ٿي اڀري نروار ٿي هئي. محترمه بينظير صاحبه جي عوامي سياست عام ماڻهوءَ کي ماني، ڪپڙو ۽ پنهنجي گهر جي نعري سبب ڏسندي ئي ڏسندي بينظير ڀٽو پاڪستان جي هر صوبي جي غريب عوام جي دلين ۾ گهر ڪري وئي. محترمه بينظير ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو سياست ۾ ڇڏيل خال پرڻ سان گڏوگڏ هن ملڪ جي ٽنڌڪي، لاچار ۽ بيوس عوام لاءِ وڏو آسراءُ ٿي نروار ٿي هئي. هن جي سياست ٻين کان مختلف هوندي هئي، ٽوڙي جو هوءَ عورت هئي پر هن جي دليري، هن جي شجاعت ۽ عوام سان ڪميٽمنٽ هن کي پوري دنيا جي وڏن ليڊرن جي صف ۾ آڻي بيهاريو. بينظير ڀٽو ملڪ جي اها ليڊر هئي، جنهن نه رڳو آمريت سان وک وک تي مهاڏو اٽڪايو پر دنيا جي سڀني ڊڪٽيٽر ذهنيت جي حڪمرانن خلاف نفرت جو اظهار سرعام ڪيو. محترمه بينظير ڀٽو بيشڪ هڪ عظيم ليڊر هئي هوءَ عام ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪندي هئي ۽ عام ماڻهوءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندي هئي. هوءَ ملڪ جي واحد ليڊر هئي، جنهن نه رڳو غريب عوام ۽ ملڪ جي ڳالهه ڪرڻ خاطر جيل جون سختيون سٺيون پر جلاوطنيءَ سميت ڪيترن ئي قسمن جي تارچر سهڻ جا اذيتناڪ لمحا به برداشت ڪيا. هڪ سچو ليڊر جڏهن عوام جي ڳالهه ڪندو آهي ته اهو عوام جو محبوب ليڊر بڻجي ويندو آهي. اتڪري بينظير ڀٽو پڻ هن ملڪ جي عوام جي نه رڳو محبوب ليڊر بڻجي وئي هئي پر هوءَ ملڪ جي چئني صوبن کي گڏ ڪٽي هلڻ واري هڪ اهڙي زنجير بڻجي وئي، جنهن کي چئني صوبن جو عوام پنهنجو ليڊر سمجهي فخر محسوس ڪندو هو. بينظير ڀٽو نه رڳو عورتن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ قدم کنيا پر هن ملڪ جي ننڍڙن ٻارن ۽ قوم جي نوجوانن جي مستقبل لاءِ به هر وقت فڪرمند رهندي هئي. ملڪ کي پوليو کان پاڪ ڪرڻ جو ڪم هجي يا ملڪ ۾ معاشي استحڪام آڻڻو هجي يا ڪٽي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ڪا تحريڪ هلائڻي هجي، هوءَ هڪ حقيقي معنيٰ واري ليڊر جو ڪردار ادا ڪندي عوام جي وچ ۾ رهندي هئي ۽ عوام جي بهتريءَ لاءِ ٿيندڙ هر ڪم کي اهميت ڏيندي هئي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو غريب عوام کي ترقي يافته بڻائڻ وارو پنهنجي بابا شهيد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو مشن کڻي اڳتي وڌي آمريت جا مهاڏو اٽڪايو. سنڌس جدوجهد جو ثمر ڪيس ٻهريون ڀيرو 1988ع ۾ مليو. ملڪ ۾ ڊگهي آمريت کان پوءِ اليڪشن ڪرائي وئي، جنهن ۾ بينظير ڀٽو اڪثريت حاصل ڪري ٻهريون ڀيرو نه رڳو ايشيا، بلڪ اسلامي دنيا جي پهرين مسلمان عورت وزيراعظم بڻجي وئي پر پاڪستان، خاص طور تي سنڌ سان واسطو رکندڙ پهرين عورت وزيراعظم ٿيڻ جو اعزاز به حاصل ڪيو. سنڌس ان دور ۾ ڪيس پنج سال پورا ڪرڻ نه ڏنا ويا ۽ لڳ ڀڳ ڏيڍ سال ۾ مختلف الزامن هيٺ محترمه بينظير ڀٽو جي پهرين حڪومت ختم ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ هن وري ٻيو ڀيرو 1993ع جي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري وزيراعظم ٿي. سنڌس ٻئي حڪومتي دور ۾ سنڌس وڏي ڀاءُ مير مرتضيٰ ڀٽو کي ڪراچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ حالتن هڪ ڀيرو ٻيهر رُخ مٽايو. نتيجي ۾ سنڌس ٻيو ڀيرو وقت کان اڳ حڪومت ختم ٿي وئي، وقت جي لاهن چاڙهن ۽ 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل پرويز مشرف پاران مسلم ليگ (ن) جي حڪومت، جنهن ۾ نواز شريف وزيراعظم هو ان جو تختو اونڌو ڪيو ويو. ان کان پوءِ هڪ دفعو وري بينظير ڀٽو آزمائشن جي ورچڙهي وئي. محترمه بينظير ڀٽو پرويز مشرف جي دور ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، اها تاريخ جي سونهري حرفن ۾ لکي ويندي، چو ته هن آمريت کي ختم ڪرڻ ۽ قوم کي حقيقي آزادي ڏيارڻ خاطر پنهنجي مخالف نوازشريف سان به ميثاق جمهوريت ٽالي ناهه ڪري پُرامن ۽ بامقصد جدوجهد وسيلي پرويز مشرف مان قوم کي نجات ڏيارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري بينظير ڀٽو دنيا جي جمهوريت پسند ڌرين کي ڏنڌين آڱريون ڏئي ڇڏيون هيون. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه هو ته محترمه بينظير ڀٽو هڪ سُلجهيل ۽ ذهين سياستدان هجڻ سان گڏ پنهنجي قوم جي حقيقي ليڊر به هئي، جنهن جي شهادت کان پوءِ ملڪ ۾ پيدا ٿيل اهو حقيقي ليڊرشپ وارو خال اڃان تائين پرجي ناهي سگهيو.

جيڪڏهن هن وقت محترمه بينظير ڀٽو جهڙي ذهين ۽ عوام جي هڏڏوڪي ليڊر ملڪ ۾ موجود هجي ها ته ملڪ ترقيءَ جون شاندار منزلون طئي ڪندي نظر اچي ها پر هن ملڪ ۽ قوم جي دشمنن کي شايد هي عوامي ليڊر يا سنڌس عوامي ڀلائيءَ وارا ڪم پسند نه هئا، تڏهن ڪيس 27 ڊسمبر 2007ع جي ڪاري شام ڌاري راولپنڊيءَ ۾ جلسو ختم ٿيڻ شرط عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ ليڊر کي شهيد ڪيو ويو. اها به هڪ حقيقت آهي ته محترمه بينظير ڀٽو کي ملڪ، قوم ۽ دنيا کان ته جسماني طور جدا ڪيو ويو پر روحاني طور هن ملڪ جي غريب قوم جي محبوب ليڊر اڄ به ڪروڙين ماڻهن سميت جمهوريت پسند دلين ۾ زنده آهي، جيڪا سدائين زنده رهندي، چو ته عوامي ليڊر ڪڏهن مري مات ناهن ٿيندا. هو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ وري واپس وري ايندا آهن. هن ملڪ جي ڏتڙيل ۽ ڏکاري قوم کي اڄ به اُميد آهي ته سنڌن جي ڏکن جو ضرور ازالو ٿيندو وري ڪوئه ڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو يا بينظير ڀٽو جهڙو عوام جو محبوب ليڊر ضرور پيدا ٿيندو ۽ عوام هن ڏکن، سورن ۽ تڪليفن مان نڪري خوشحالي ضرور ماڻيندو.

پي آءِ اي جي ڪامياب نجڪاري ۽ اُڻتڙ سوال!

اعجاز ممنائي

پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائينز (پي آءِ اي) جي نجڪاريءَ جو عمل آخرڪار مڪمل ٿي ويو آهي، جنهن ۾ لڪي سيمنٽ وارن 101 ارب 50 ڪروڙ روپين جي ٻولي لڳائي هئي، ائير بليو ائير لائين وارن 26 ارب 50 ڪروڙن روپين جي ٻولي لڳائي پر ڪامياب نه ٿي، جڏهن ته عارف حبيب ڪنسورشيم پاران 135 ارب روپين جي ڪامياب ٻوليءَ ۾ ان جا 75 سيڪڙو شيئرز حاصل ڪيا ويا آهن. ان فيصلي سان پاڪستان جي سڀ کان وڏي ۽ اهم قومي ايئر لائين جو ڪنٽرول نجي شعبي جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن جو نه رڳو ملڪي معيشت پر هوائي صنعت ۽ پي آءِ اي جي مستقبل تي به گهرو اثر پوندو. پي آءِ اي جي نجڪاريءَ جو عمل ڪيترائي مهينا اڳ شروع ٿيو هو. جنهن ۾ ڪيترن ئي ڪنسورشيم ان کي خريد ڪرڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري هئي. ٻوليءَ جي شروعاتي مرحلي ۾، اوپن ڪنسورشيم، ايئر بليو ۽ عارف حبيب ڪنسورشيم جي وچ ۾ سخت مقابلو هو بهرحال عارف حبيب ڪنسورشيم 121 ارب روپين جي ٻولي ڏئي سڀ کان وڌيڪ قيمت پيش ڪئي، ان کان پوءِ اوپن ڪنسورشيم وقفي دوران پنهنجي ٻولي وڌائي پر عارف حبيب ڪنسورشيم 135 ارب روپين جي ٻولي ڏئي فيصلو ڪندڙ پوزيشن حاصل ڪئي. نجڪاري ڪميشن جي عملدارن موجب عارف حبيب ڪنسورشيم کي پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز خريد ڪرڻ جو اهل قرار ڏنو ويو. ان کان علاوه خريد ڪندڙ کي باقي 25 سيڪڙو خريد ڪرڻ لاءِ 90 ڏينهن ڏنا ويندا. پي آءِ اي جو بيل آئوٽ هڪ نازڪ موڙ تي آيو آهي، جڏهن ايئر لائين جي مالي حالت نازڪ ٿي چڪي آهي. حڪومت گذريل سال پي آءِ اي جي 6 سئو 54 ارب روپين جي قرضن کي سنڀاليو هو جنهن ايئر لائين جي مالي حالت ڪجهه بهتر ڪئي پر پي آءِ اي کي مڪمل طور تي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ۽ انتظامي سڌارن جي ضرورت هئي. نجڪاري ڪميشن جي عملدارن ٻڌايو آهي ته پي آءِ اي جي موجوده حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ سيڙپڪاريءَ جي ضرورت هئي ۽ ان لاءِ خانگي شعبي جي شموليت ضروري هئي. نجڪاري ڪميشن مطابق پي آءِ اي جا انگلينڊ ۽ ٻيا يورپي رستا بحال ڪيا ويا آهن ۽ هن ڀيري پي آءِ اي جي نجڪاري وڌيڪ پُرڪشش هئي. ان سان گڏ حڪومت پاران پي آءِ اي ۾ سيڙپڪاريءَ جي ضرورت پڻ اهم ٿي وئي هئي ته جيئن اداري کي پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي. عارف حبيب گروپ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز (PIA) کي 135 ارب روپين ۾ خريد ڪري ورتو آهي. 2006ع ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو آيل هڪ فيصلو پڻ موجود آهي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته پاڪستان اسٽيل ملز جي نجڪاريءَ وقت عارف حبيب گروپ 18.6 بلين روپين جو فراڊ ڪيو هو ۽ اڳتي هلي معزز عدالت اسٽيل ملز جي نجڪاريءَ واري عمل کي غيرشفاف قرار ڏئي روڪي ڇڏيو هو. بهرحال عارف حبيب ڪنسورشيم جي ڪاميابيءَ کان پوءِ سوال اهو پيدا ٿي رهيو آهي ته پي آءِ اي اندر ڪهڙيون تبديليون ڪي منهن ڏيڻو پوندو؟ هن سيڙپڪاريءَ ۾ ايوي ايشن، ڪارگو ڪاروبار، ٽريننگ ونگ ۽ ڪچن ڪاروبار شامل هوندا، جيڪي پي آءِ اي جي ڪارڪردگي ۽ معيار جي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم آهن. ان سان گڏ اهو به چيو ويو آهي ته پي آءِ اي ملازمن جا حق، فائدا، انهن جي پينشن ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ جون ذميواريون هولڊنگ ڪمپنيءَ جي ذميواري هونديون. ان کان علاوه نون مالڪن جي اها به ذميواري هوندي ته اهي موجوده ملازمن جي پگهارن ۽ فائدن جو خيال رکن ته جيئن ڪمپنيءَ اندر ڪا بيچيني يا احتجاج نه ٿئي. پي آءِ اي جي نجڪاري اهو ڪاروباري فيصلو آهي، جنهن جو صنعت تي تمام گهرو اثر پوندو حڪومت شيئرز کي 51 کان 100 سيڪڙو تائين نجڪاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ ان جو مقصد نه رڳو پي آءِ اي کي وڪرو ڪري پئسا ڪمائڻ هو پر ان کي هڪ بهتر ايئر لائين بڻائڻ به هو. حڪومت جي هن حڪمتِ عملي نه رڳو اداري جي مالي حالت کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ان جو مقصد هوائي جهاز جي شعبي ۾ مقابلي کي فروغ ڏيڻ پڻ هو. پي آءِ اي جي نجڪاريءَ کان پوءِ ٻين ادارن جي نجڪاريءَ جي عمل لاءِ به رستو هموار ٿيندو جنهن سان حڪومت لاءِ وڌيڪ مالي وسيلا گڏ ڪرڻ جو رستو کُلندو. ان کان علاوه اهو قدم هوائي جهاز جي انڊسٽريءَ ۾ هڪ نئين هدايت متعارف ڪرائڻ لاءِ پڻ اهم آهي. جيتوڻيڪ پي آءِ اي جي نجڪاري حڪومت جو اهم قدم آهي پر عوام ۽ ڪمپنيءَ جي ملازمن ۾ پڻ پريشانيءَ جي لهر ڇانيل آهي. اداري جي ملازمن جو خيال آهي ته پي آءِ اي کي خانگي مالڪن ماتحت ڪرڻ جو عمل انهن جي نوڪرين تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو يا انهن جي حقن کي گهٽائي سگهي ٿو. بهرحال اختيارين يقين ڏياريو آهي ته موجوده ملازمن جي حقن کي مڪمل طور تي محفوظ ڪيو ويندو ۽ ڪمپنيءَ جي مالي استحڪام لاءِ فوري سيڙپڪاري ۽ پيشاورانه انتظام جي ضرورت پوندي. ملازمن ۾ اهو خوف آهي ته اداري جي نجڪاريءَ کان پوءِ پي آءِ اي جون خدمتون متاثر ٿي سگهن ٿيون. بهرحال حڪومت زور ڏنو آهي ته نجڪاريءَ جو مقصد صرف پي آءِ اي جي مالي حالت کي بهتر بڻائڻ ۽ ان کي هڪ جديد ايئر لائين طور ٻيهر ڪامياب بڻائڻ آهي. پي آءِ اي جي نجڪاريءَ جو عمل هڪ سنگ ميل آهي.

توشه خاني جو ڏوهاري هاڻي صادق ۽ امين ناهي!

اشتياق بيگ

سال 2025ع عمران خان ۽ سنڌس گهر واري بشريٰ بي بي لاءِ سٺو ثابت نه ٿيو ۽ سال ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ڪين هڪ ٻي سزا جي خبر به ٻڌائي وئي. باني پي ٽي آءِ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي اڄا پنهنجي سرپرست اڳوڻي جنرل (ر) فيض حميد کي فوجي عدالت پاران ٻڌايل سزا جي صدمي مان نڪري به نه سگهيا هئا، جو گذريل ڏينهن ڪين توشه خانه ٽو ڪيس ۾ مجموعي طور 17-17 سال قيد ۽ هڪ ڪروڙ 60 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي. هيءَ سزا اسلام آباد جي احتساب عدالت جي اسپيشل جج سينٽرل شاهه رخ ارجمند اڊيالا جيل ۾ ٻڌائي، جڏهن ته پنهنجي لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ جج لکيو ته: 'باني پي ٽي آءِ جي وڌيڪ عمر ۽ بشريٰ بي بي عورت هجڻ سبب ڪين گهٽ ۾ گهٽ سزا ڏني وئي آهي.' اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ بي بي تي الزام هو ته 2021ع ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان طرفان ڪين قيمتي بلگاري جيولري سيٽ تحفي طور ڏنو ويو هو، خانه ٽو ڪيس جو ٽرائل لڳ ڀڳ هڪ سال تائين اڊيالا جيل ۾ هلندو رهيو، جنهن دوران 80 کان وڌيڪ ٻڌڻيون ٿيون. ڪيس ۾ مجموعي طور 21 جوابدار شامل هئا، جڏهن ته 18 شاهدن جا بيان قلمبند ڪري مٿن جرح ڪئي وئي، پر افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته پي ٽي آءِ جي طرفان عدالتي فيصلي کي ذاتي انتقام جو رنگ ڏيندي، ان کي سياسي فيصلو قرار ڏنو ويو.

عمران خان کي پنهنجي تقريباً چار سالهه دورِ حڪومت دوران مختلف ملڪن جي سربراهن پاران 112 قيمتي تحفا مليا، جن ۾ شويارڊ، رولڪس گهڙيون، سون ۽ هيرن سان جڙيل زيورات، سون جا قلم، هيرن سان جڙيل ڪفلنڪ، سون جي ڪلاشنڪوف ۽ ٻيا ڪيترائي قيمتي تحفا شامل هئا. پر الزام آهي ته عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ شويارڊ گهڙي به شامل هئي، جيڪا خانه ڪعبه جي تصوير سان سينگاريل هئي. هن گهڙيءَ جي قيمت لڳ ڀڳ 2 ملين ڊالر (57.5 ڪروڙ رپيا) هئي. پر ملڪ واپسي تي عمران خان هن گهڙيءَ کي توشه خانه ۾ جمع ڪرائڻ بدران پنهنجي گهرواري بشريٰ بي بي کي ڏئي ڇڏي. بعد ۾، جڏهن هيءَ گهڙي دبئي ۾ شويارڊ جي شوروم ۾ وڪڻڻ لاءِ موڪلي وئي، ته ڪمپني سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جي آفيس سان رابطو ڪيو. ان سان اهو معاملو سعودي ولي عهد جي علم ۾ آيو جنهن کي ڌڪ پهتو ته جنهن گهڙيءَ کي هن پنهنجي پاڻ ملڪ جي

ملين پائونڊ جو القادر ٽرسٽ ڪيس ۽ فارن فنڊنگ ڪيس به باني پي ٽي آءِ جي سياسي مستقبل تي وڏا سوال اٿارين ٿا. عمران خان جا ڏکيا ساٿي عبدالعليم خان به پي ٽي آءِ تي ڪرپشن جي الزامن جي تصديق ڪندي انڪشاف ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ جي دورِ حڪومت ۾ عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي کي هڪ مشهور بلڊر طرفان قيمتي ڊائمنڊ سيٽ تحفي طور ڏنو ويو. جڏهن ان وقت جي ڊي جي آءِ ايس آءِ ۽ موجوده چيف آف ڊي فنس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير هن معاملي کي عمران خان جي آڏو آندو ته عمران خان، بشريٰ بي بي جي ڪرپشن کي ظاهر ڪرڻ تي عاصم منير کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو ۽ چيو ته هنن ريڊ لائن پار ڪئي آهي. باني پي ٽي آءِ ڪرپشن جي خاتمي جي بلند بانگ بيان سان اقتدار ۾ آيو هو ۽ خداوند اُن کي نادر موقعو ڏنو ته هو پنهنجي بيانئي کي عملي جامو پهرائي. جيڪڏهن عمران خان ڪرپشن خلاف پنهنجي بيانئي تي قائم رهي ها ته اڄ هن جو شمار پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ مقبول

روزاني عبرت

بقايا	1	لاش هٿ

پيو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ آنڊلاڻي پرسان چڪ جي بچاءُ بند هيٺان زرعي زمين مان هٿ. واقعي جي اطلاع تي وارثن سميت چڪ ۽ بچل پيو پوليس پهچي لاش رورل هيلٿ سينٽر چڪ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائيءَ ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ڊاڪٽرن پاران رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ته نوجوان کي پهريان سخت تشدد جو نشانو بڻائي سنڌس ڳاٽو پچڻ بعد جنهن بندوق جا فائر هڻي قتل ڪيو ويو. پوليس موجب واقعي جي گهڻ رخي جاچ شروع ڪئي آهي ۽ وارثن جي صلاح مشوري سان ڪيس داخل ڪيو ويندو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پڻ ڪوششون جاري آهن.

بقايا	2	زخمي ڪري ڇڏيو

معاملي تي جهيڙو ٿيو آهي جڏهن ته زخمي جو چوڻ هو ته منهنجو ننڍو ڀاءُ امڙ ۽ گهر ڀاتين وڙهي پيو ۽ ملڪيت جي معاملي تي پڻ جهيڙو ڪندو ايندو آهي جنهن گولين هڻي زخمي ڪيو آهي...

بقايا	3	جهيڙو، 5 زخمي

پناڻن ۽ پوليس وچ ۾ جهڙپون ان وقت شروع ٿي ويون جڏهن اتان هٽايئڻ لاءِ پناڻن جي هڪ 10 ڄڻن جي ٽولي کي پوليس ۽ سکر ميونسپل جي انڪروچمينٽ عملي دٻاءُ ڏنو ۽ انهن جي هٽڻ کان انڪار تي پناڻن تي لٺ بازي ڪري پنج ڄڻن جا منا ڦاڙي ڪين رتورت ڪري ڇڏيو - زخمي پناڻن جيڪي علائقا غير ۽ بلوچستان جا رهاڪو ٻڌايا وڃن ٿا - ميڊيا وارن آڏو ڏانهيو احتجاج ڪندي ته هنن واسطيدار آفيسرن کي ملي چندو ڪري 60 هزار روپيا رڏوت پڻ ڏني آهي پوءِ به پوليس ۽ پيو ميونسپل عملو ناجايز حد دخلين جايئي اتان هٽڻ تي زور ڏين پيا - جيڪا سراسر ناانصافي ۽ ٻٽا خوري آهي.

بقايا	4	مارڻ جي دعويٰ

ڌوهاري حلقن کي ڳولڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو اڳرا پوليس جي يارنهن ڪيس ۾ گهربل ڌوهاري هٿ لڳي ويو سنڌ جي ٽن ضلعن شڪارپور لاڙڪاڻو ۽ خيرپور جي مختلف ٿاڻن تي مختلف جرمن ۾ گهربل ڌوهاري ڪريم بخش شيخ پٽ غلام سرور شيخ رهندڙ ضلعو شڪارپور کي اڳرا ٿاڻي جي خيرپور لاڙڪاڻو رود تي قائم افضال چوڪي ڪوڪ شاخ وٽ مبينه پڪري مارڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته اڳرا ٿاڻي جي پوليس ۽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او پنهنجي موقف ۾ ٻڌايو آهي ته خميس واري رات جو اطلاع مليو ته ڪجهه ڌوهاري ڪوڪ شاخ وٽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل آهن ۽ جر پر ۾ رڌل آهن ته مان پنهنجي پوليس پارٽي سان ڪري مطلوبه جاءِ تي پهتس ته مقابلو ٿي پيو انهيءَ دوران دوبدو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سندس جي ساٿين جي گولي لڳڻ ڪري ڌوهاري مارجي ويو ۽ ٻيا ڌوهاري وجهه وٺي فرار ٿي ويا ان بعد اسان لاش کڻي اسپتال پهچايو مارجي ويل ڪريم بخش شيخ وٽان هٿيار پڻ برآمد ٿيو آهي وڌي ان چيو ته مارجي ويل ڌوهاري سنگين ڏوهن ۾ گهربل هيو سنڌس جي خلاف چوري...

جي بحالي ۽ مضبوطي لاءِ انتهائي اهم ڪردار آهي، جو ته صحافي عوام جون اڪيون ۽ زبان بڻجي ميڊيا ذريعي سندن آواز اقتدار جي ايوانن تائين پهچائين ٿا. هو دادو پريس ڪلب جي سال 2026—27 لاءِ نئين چونڊيل باڊي جي پروقار حلف برداري تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو. ان موقعي تي سردار رفيق احمد جمالي اعلان ڪيو ته دادو پريس ڪلب کي سولر سسٽم فراهم ڪيو ويندو جڏهن ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جيان دادو ۾ پڻ صحافي ڪالوني جو قيام جلد عمل ۾ آندو ويندو. تقريب کي خطاب ڪندي سينيئر صحافي صمصفر گاڏهي ۽ دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ چيو ته دادو جا قلم ڌڻي هميشه عوام سان ٿيندڙ ناانصافين، ظلمن ۽ زيادتين کي اجاگر ڪندا رهيا آهن ۽ حڪومت آڏو عوام جا بنيادي مسئلا پيش ڪندا رهندا. هنن چيو ته بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ۽ ذميوار رپورٽنگ جاري رهندي. تقريب کي اي ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي، بابن پنهور گلڻ پند، ولي چانڊيو شهزاد پند، قربان خشڪ، سيد اظهر شاهه، منظور پنهور عبدالحڪيم جمالي، رفيق ميراڻي، راجا رفيق پنهور ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا	10	ملهايو

گهر ۾ خصوصي دعائيه تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ولادت جي خوشيءَ ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو. تقريب ۾ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي زئوار گل محمد پنهور ڊي ايس پي محمد يعقوب هرڙ ايس ايڇ او حاجي...

ڪيو ويندو

بقايا	41	سردار شاهه

هزار اميدوار رڳو پاس ٿيا، جن کي آفر ليٽر ڏنا ويا، پر ڪجهه ضلعن ۾ نمبر مارڪن جي شرح گهٽ ٿيڻ سان آفر ليٽر ته ملي سگهيا يا انهن کي نوڪريون ته ملي سگهيون آهن، جنهن بابت تحقيقات ڪئي پئي وڃي، انڪوائري ڪميٽي ان جو فيصلو ڪندي، ڪريٽ آفيس نااهل...

پنهور رحيم يار خان جو آڳوٺو ايم اين اي سردار اظهار خان لغاري، مير رياض محمد مزاري، سردارزاده تيمور خان پنهور سردارزاده شفقت حسين جکراڻي، مير نثار خان کوسو شوڪت خان پنهور سميت سوين ماڻهون شريڪ ٿيا. گهوڙن جي گوءِ ۾ سنڌ، بلوچستان توڙي پنجاب جي نالي واري گهوڙن ڊاڙيل، سنڌ سوٿهاري، بختاور هرڻي، مور پري سميت 145 ٿي...

بلوچي پشتو ۽ ٻين ٻولين جا سيشن پڻ منعقد ڪيا ويندا، 25 ڊسمبر کان 28 ڊسمبر تائين جاري رهندڙ ڪانفرنس هن سال "جشن پاڪستان" جي نالي سان منعقد ڪئي پئي وڃي، ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن تي سنڌي مشاعرو پڻ منعقد ڪيو ويو 18هين عالمي اردو ڪانفرنس ۾ شهيد راڻي جي يوم شهادت جي موقعي تي خاص سيشن 27...

ڏنا واهه جي ڪرياڻه مرچنٽ دڪان جي مالڪ عبدالغني سومرو، درزي دڪان جي مالڪ غلام مصطفيٰ عالماڻي، عبدالشڪور سومرو، گلزار سومرو ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته علائقي جي بدمست وڏيري عبدالرحيم ڪاتيار جو ذهني توازن وڃائيندڙ پٽ زبير عرف چاچو ڪاتيار علائقي جي اندر ڪيترائي قتل ڪرڻ واري واقعن ۾ ملوث...

چڪ لڳ پراسرار نموني طور گم ٿيل نوجوان جو ڳاٽو ڪپيل ۽ گولين لڳل لاش هٿ

ڳوٺ نظر الدين جاگيراڻي واسي نوجوان رحيم بخش ولد امام بخش جاگيراڻي جو لاش بچاءُ بند وٽان هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ پراسرار طور تي گم ٿيل نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ چڪ لڳ ڳوٺ نظر الدين جاگيراڻي واسي مقتول نوجوان رحيم بخش ولد امام بخش جاگيراڻيءَ جو لاش بچل
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: بلاول ڀٽو پاران انڊس اسپتال جي نئين عمارت جي افتتاح بعد خطاب ڪري رهيو آهي

مورو ۾ گهرو معاملي تان جهيڙي ۾ ننڍي ڀاءُ وڏي کي گولين هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

مورو (ن ع) مورو ويجهو نوان جتوئي ۾ ننڍي ڀاءُ عيسا ڪوسو پاران وڏي ڀاءُ نعيم الدين ڪوسو تي فائر ڪري زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان موقعي تي وارثن جو چوڻ هو ته ڀاڻ ۾ ڀائرن جي گهر جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو: مڙس هٿان قتل ٿيل شبيران اوڍ جو مڙهه اسپتال ۾ پيل آهي

شاهپورچاڪر پرسان زهريلو ڪاڏر کائڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، 4 ڀاتي بيهوش، اسپتال داخل

ڳوٺ دائم خان ڏامراهه ۾ زهريلو ڪاڏر کائڻ سبب 18 ورهين جو عبدالغفور فوت ٿي ويو

ڪاڏر کائڻ ڪري زاهده، حوران، منير احمد، ملڪ، بي بي عائشه ۽ ٻيا بيهوش ٿي ويا، لاش کي اسپتال آندو ويو

شاهپورچاڪر (ن ع) شاهپورچاڪر پرسان ڳوٺ دائم خان ڏامراهه ۾ زهريلو ڪاڏر کائڻ ڪري گهر جا 5 ڀاتي بيهوش ٿي ويا جنهن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز پرسان ٽرالر جي ٽڪر سبب پوڙهيت فوت

ناڳو شاهه موري وٽ حادثي ۾ پاپڙ وڪرو ڪندڙ وحيد سولنگي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

نوشهرو فيروز(د ر) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ طالب حسين سولنگي جي رهواسي پوڙهيت وحيد سولنگي ناڳو شاهه موري وٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

صحافين جو جمهوريت جي بحالي ۽ مضبوطي لاءِ اهم ڪردار آهي: رفيق جمالي

صحافي عوام جون اکيون ۽ زبان بڻجي سندن آواز اقتدار جي ايوانن تائين پهچائين ٿا

ڪراچي ۽ حيدرآباد جيان دادو ۾ پڻ صحافي ڪالوني جو قيام جلد عمل ۾ آندو ويندو

دادو(د ر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سردار رفيق احمد جمالي چيو آهي ته صحافين جو جمهوريت
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٻن الڳ الڳ پوليس مقابلن دوران هڪ ڌاڙيل مارجي ويو

خيرپور(د ر) خيرپور ۾ ٻن الڳ الڳ پوليس مقابلن دوران هڪ ڌاڙيل مارجي ويو ۽ هڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ مسيحي برادري ڪرسمس جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو

گرجا گهر ۾ خصوصي دعائيه تقريب منعقد، ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

اهڙيون تقريبون سماج ۾ ڀائيچارو وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون: اڳواڻ

هالا (ت ر) هالا ۾ مسيحي برادري طرفان ڪرسمس جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو عيسائي محلي جي گرجا
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

چين ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ حادثي، 4 ڄڻا اجل جو شڪار، 3 لاپتا

بيجنگ (اي پي پي) چين جي صوبي يونان ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ پيش آيل حادثي جي نتيجي ۾ 4 ماڻهو فوت ٿي ويا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪرسمس تقريب، سنڌ سڀني مذهبن جي پوئلڳن جو احترام ڪري ٿي: مراد علي شاهه

حضرت عيسيٰ عليه جي تعليمات امن، محبت، برداشت ۽ ڀائيچاري تي ٻڌل آهن جن جي اڄ سخت ضرورت آهي

پاڪستان جي ترقي ۽ ملڪ ۾ تعليم جي فروغ ۾ مسيحي برادري نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي

اچو ته سڀ گڏجي هن دنيا کي امن جو گهوارو بڻائڻ لاءِ هٿ ۾ هٿ ڏئي هلون: تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ولادت جي مناسبت سان وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪرسمس جي تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن جو مقصد امن هم
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نائيجيريا ۾ مسجد اندر اوچتو ڌماڪو 5 نمازي شهيد، 35 زخمي

ابوجا (اي پي پي) نائيجيريا جي هڪ مسجد ۾ اوچتي بم ڌماڪي سبب 5 نمازي شهيد ۽ 35 زخمي ٿي پيا آهن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايڇ يو جي پاران ڪرسمس جي موقعي تي تقريب منعقد

مسيحي برادري سڄي دنيا ۾ پنهنجي عيد ملهائي رهي آهي: خالد ڪوڪر

ايڇ يو جي پاران ڪرسمس تقريب رکڻ جو مقصد مذهبي هم آهنگي کي برقرار رکڻ آهي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس پاران مسيحي برادري جي عيد ڪرسمس جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايڇ يو جي جا اڳواڻ خالد ڪوڪر ۽ ٻيا مسيحي برادري جي ڪرسمس واري ڏهاڙي جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

دادو ۾ پوليس مقابلي دوران ٻه ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

دادو(د ر) دادو ۾ پوليس مقابلي ۾ ٻه ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪچهه ڏيراڳ ٽاٽو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

شادي لارج ڏيرا برادري جو معزز محمد هاشم ڏيرو لاڏاڻو ڪري ويو

شادي لارج(ن ع) شادي لارج ڏيرا برادري جو معزز شوگر انڊسٽريز جو ناميارو جهونو ڪين آفيسر محمد هاشم ڏيرو لاڏاڻو ڪري
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ يوسي چيئرمين جي مبينا ڪرپشن خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڳوٺاڻن وريل شاهه بس اسٽاپ وٽ ٽنڊوباگو-پنگريو روڊ تي ڊينگهر رکي ڌرڻو هڻي ٽريفڪ معطل

هر مهيني ماهوار ملندڙ قسط لکين روپيا بجيٽ جيڪا ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ لاءِ ملندي آهي: مظاهرين

اها رقم يوسي چيئرمين فدا حسين ميمڻ ۽ خليفو قاسم جي چيئرمين جي ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃن

ٽنڊوباگو(ت ر) يونين ڪائونسل خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر ۽ يوسي خليفو قاسم جي ماهوار 10/10 لک بجيٽ ۾ چيئرمين پاران ڪرپشن ڪرڻ ۽ ٻنهي يونين ڪائونسلن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم نه
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڊيره اسماعيل خان ۾ فورسز جي ڪارروائي، 2 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي اهلڪارن ڪلاچي ۾ ڪارروائي ڪندي ٻن خوارجين کي ماري ڇڏيو

آپريشن دوران مارجي ويل خوارجي جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ ڪيو ويو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڊيره اسماعيل خان ضلعي جي علائقي ڪلاچي ۾
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ ... ڀنگ ٽريڪٽر ٽرالي جو ڪنٽينر سان ٽڪر، پنج ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

راڌڻ(ن ع) راڌڻ ڀنگ خيرپور
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ ٻن شهرين کي قتل ۽ نينگر کي زخمي ڪرڻ خلاف ۾ مڪمل شٽربند هڙتال

شهرين دڪاندارن ۽ مختلف سڄاڻ ڌرين پاران امتياز ملاح خليق الرحمان ڪمبوهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

نوجوان عمران مغل ۽ ايڊووڪيٽ غلام شبير شر جي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ هٿياربند ڦورن پاران ٻن شهرين کي قتل ۽ نينگر کي زخمي ڪرڻ واقعي خلاف شهر ۾ احتجاجن سوڳ ۾ مڪمل شٽربند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جا ننڍا وڏا ڪاروباري
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

محرابپور: بدامني ۽ شهرين جي قتل خلاف شٽربند هڙتال ڪئي پئي وڃي

ڪراچي: ٽري آرمڊ فورسز جي نمائندن پاران قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي 149هين سالگرهه جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪندي

سکر ميونسپل ۽ پوليس جي حدخلين خلاف ڪارروائي، جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

نيو سبزيمنڊي پرسان فٽ پاٿن تان حدخليون هٽائڻ تان پٿرائن ۽ عملي ۾ جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران 5 پنج پٿاڻ زخمي ٿي پيا، متاثرن جو عملدارن تي رشوت وٺڻ جو الزام

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي شڪارپور روڊ تي نيو سبزيمنڊي پرسان فٽ پاٿن تي جوتا گرم ڪپڙا ۽ خشڪ ميوو وڪرو ڪندڙ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اڳرا پوليس پاران مقابلي بعد گهربل ڌاڙيل ڪريم بخش شيخ کي مارڻ جي دعوي

ڪڙڪ شاخ وٽ ڌوهه جي ارادي سان بيٺلن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل ڪريم بخش شيخ مارجي ويو

راڌڻ(رپورٽ: قربان علي ڪلال) اڳرا ٿاڻي جي حدن ۾ لڳاتار ڌوهه وڌي وڃڻ ڪان پوءِ اڳرا پوليس ڌوهارين مان تنگ اچي ڪري
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڳهورو اسٽاپ تان مڙس هٿان زال قتل ڪيس داخل جوابدار گرفتار

ڳهوٽ اسٽاپ لڳ جوابدار نورو اوڍ زال شبيران کي ڳهٽا ڏيئي قتل ڪري فرار ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ قيصر ڳهوٽ اسٽاپ لڳ يعقوب پٺاڻ جي سرن جي ڀٽي تي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سکر بئراج مان نڪرندڙ سڀني واهن جي ساليانو بندش جو شيڊول جاري

6جنوري 2026 کان 20 تائين دوران پاڻي جي فراهمي مڪمل طور معطل رهندي

سکر(بيورو رپورٽ) چيف انجنيئر سکر بئراج ليفٽ بينڪ ريجن پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب سکر بئراج مان نڪرندڙ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري، وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ قائداعظم محمد علي جناح جي 149 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي مزار قائد تي دعا گهري رهيا آهن

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي سالگرهه تقريبون

حيدرآباد، ميرپوربٺورو، دوڙ، شهدادپور، ڪپري، نوشهروفيروز، سڪرنڊ، مورو ۾ ڪيڪ ڪاٽيا ويا

ايس ٽي پي اڳواڻن جي موجودگي ۾ عمر درازي ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي

سنڌ جي غلامي ۽ ذلت جو ذميوار سنڌ جو جاگيردار طبقو به برابر جو شريڪ آهي: قادر مگسي

حيدرآباد(نمائندن وٽان) ميرپوربٺورو ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي 63هين سالگرهه ملهائي وئي،
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ قائداعظم ۽ ميان نواز شريف جي سالگرهه تي پروقار تقريب

مسلم ليگ (ن) سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

قائداعظم محمد علي جناح جي اڻٿڪ جدوجهد سبب پاڪستان وجود ۾ آيو: بشير ميمڻ

هالا(ن ع) هالا جي ماشاءالله هائوس ۾ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي قائد ميان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ پ پ پ شهيد راڻي بينظير ڀٽو تصوير اڳيان ڏيئا ٻاري خراج تحسين پيش

شهيد راڻي جمهوريت ۽ ملڪي عوام جي حقن ۽ بهتر مستقبل لاءِ قرباني ڏني: وسيم منگريو

هو ملڪي عوام جي ڀلائي لاءِ هڪ انقلاب ڪٽي آئي هئي جنهن کي ظالمن بيدردي سان قتل ڪيو

ٽنڊوالهيار(د ر) ٽنڊوالهيار ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان ضلعي انفارميشن سيڪريٽري وسيم لطيف منگريو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو ڏيئا ٻاري شهيد راڻي بينظير ڀٽو کي خراج تحسين پيش
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: پنگريو روڊ تي ڳوٺاڻن طرفان هنيل ڌرڻي جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ دڪانن کي باهه ڏيندڙ ٻاٿر جي پٽن خلاف متاثرن جو احتجاج

زبير عرف چاچو ڪانيار علائقي جي اندر ڪيترائي قتل ڪرڻ واري واقعن ۾ ملوث آهي: مظاهرين

وڏيري جي پٽ اشرف ڪانيار ڪيس تان هٿ کڻائڻ لاءِ فائرنگ، حياتين کي خطرو آهي

ٽنڊو محمد خان (د ر) بلڙي شاهه ڪريم جي ڏتا واهه تي ٻاٿر وڏيري جي پٽ هٿياربندن ذريعي ڪرياڻ مرچنٽ، درزي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ ٻن وارداتن ۾ هٿياربندن مزاحمت تي ٻن ڄڻن کي زخمي ڪري موٽرسائيڪلون ۽ سامان ڦري ويا

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر بدامني تي ضابطو نه آيو وڌيڪ ٻه جو به وارداتون مزاحمت به زخمي به موٽرسائيڪلون ۽ روڪ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ پراڻي سڱاوتي تڪرار تان هٿياربندن نوجوان جي زخمي ڪري ڇڏيو، اين سي داخل

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ڳوٺ اسماعيل ٿهيم ۾ پراڻي سڱاوتي تڪرار تان هٿياربندن شفيع محمد ٿهيم کي وحشياڻو
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ دوران فائرنگ ۾ هڪ واٽهڙو فوت، ٻيو زخمي

مين روڊ تي پوليس ڦورن کي گرفتار ڪرڻ دوران فائرنگ عبدالخالق ۽ مير جان زخمي ٿيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي عبدالخالق دم ڏني حوالي ڪيو

ڊي ايس پي راءِ محمد آصف ڪرل ۽ ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر اسپتال پهچي تفصيل ورتا

مورو (ن ع) مورو شهر جي مين روڊ تي پوليس ڦورن کي گرفتار ڪرڻ دوران ڦورن جي سڌي فائرنگ به واٽهڙو زخمي ٿي پيا،
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڪال سينٽر تي ڇاپي ۾ فراڊ ۾ ملوث گرفتار غير ملڪي جوابدار

لاڙڪاڻي پرسان درگاهه ڪاڪل شاهه جي فقير جي ٻن ڪکاين گهرن کي باهه، الهه ٺلهه سڙي رک

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ڳوٺ پير بخش ڪڪراڻي ۾ درگاهه ڪاڪل شاهه جي فقير ميان خان ڪڪراڻي جي 2 ڪکاين گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب گهر ۾ پيل 2 سولر پليٽون 4 پکا، 2 بيٽريون 20 مڻ سارين 14 مڻ ڪڻڪ هڪ بڪري سميت گهر ۾ پيل ضروري سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو ان حوالي سان متاثرن ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر سميت
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪورنگي سائيٽ ۾ معصوم ٻارڙن تي تشدد، جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف والد جو احتجاج

ڪورنگي سائيٽ (ن ع) گلشن شهباز پوليس پوسٽ جي حد ۾ ٻاٿر جو ٻن معصوم ٻارڙن تي تشدد جو ڪرڻ جو الزام معصوم نينگري عائشا ۽ نينگر اختيار بلوچ مٿان سخت تشدد ، معصوم ٻارڙن جي والد سنڌ ترقي پسند پارٽي جو ڪارڪن علي نواز واقعي جا تفصيل صحافين کي ٻڌائيندي چيو ته منهنجا ٻار صبح جو گهر مان کير وٺڻ لاءِ نڪتا ته رستي تي هڪ پٺاڻ پاران ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بنائي وارن ڪان گهليو ويو موقعي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي مبينا طور چوري جي ارادي سان بيٺل 9 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي جي سول لائين
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر: پوليس ڪارروائين ۾ گرفتار ٿيل ايم ڪيو ايم لنڊن گروپ جا ڪارڪن

قلات ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، فتنه الهندستان جا 8 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو: آءِ ايس پي آر

علائقي پارٽي سرپرست دهشتگرد جي موجودگي جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز گڏريل ڏينهن بلوچستان جي ضلعي قلات ۾ ڀارتي پراڪسي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گمبٽ جي ايل آر بي ٽي اسپتال پرسان لاش هٿ، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

خيرپور (د ر) خيرپور لڳ گمبٽ جي ايل آر بي ٽي اسپتال مان لاش هٿ اچڻ جي اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس لاش ڪڍڻ کان انڪار ڪيو علائقي واسين پهچي پنهنجي مدد پاڻ لاش ڪڍائي اسپتال پهچايو جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ ڳوٺاڻداس طور ٿي آهي جڏهن ته ضروري ڪارروائي بعد لاش وارث ڪڍائي ويا.

راولپنڊي : فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اين آءِ (ايم)، هيڊ ڪوارٽر چيف آف آرمي اسٽاف ۽ سي ڊي ايف ڪرائسٽ چرچ ۾ ڪرسمس جي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ 18 هين عالمي اردو ڪانفرنس شروع، پهرين ڏهاڙي تي سنڌي مشاعرو منعقد

"جشن پاڪستان" جي نالي سان شروع ٿيل ڪانفرنس جو افتتاح گورنر ڪامران ٽيسوري ڪيو

ڪانفرنس ۾ اردو جو عالمي مشاعرو ادب ثقافت صحافت ڪتابن جون مهورتون ۽ ٻيا سيشن شامل

شهيد راڻي جي يوم شهادت جي موقعي تي خاص سيشن 27 ڊسمبر تي منعقد ڪيو ويندو

ڪراچي(رپورٽ: جي ايم خاصخيلي) چٽن آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ شروع ٿي وئي، ڏينهن واري 18 هين عالمي اردو ڪانفرنس خاص مهمان گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو اردو
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪانفرنس ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه ۽ ڪرسمس جا ڪيڪ پڻ ڪاٽيا ويا

مشهور شاعر افتخار عارف، اسد محمد خان، پيرزاده قاسم رضا ، نور الهدى شاهه، مصطفيٰ قريشي ۽ ٻيا شريڪ

نوجوان شاگردن سميت وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي شرڪت، "پاڪستان زنده آباد" جي نعرن جي گونج

ڪراچي: 18 هين عالمي اردو ڪانفرنس 2025 "جشن پاڪستان" ۾ نوجوان شاگردن سميت وڏي تعداد ۾ ماڻهو هال ۾
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

عالمي اردو ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن تي سنڌي مشاعري سميت "اردو غزل جو سفر" جا سيشن منعقد

ڪراچي :18هين عالمي اردو ڪانفرنس جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڙو ۾ موٽر سائيڪل ورڪشاپ ۾ ڪم ڪندڙ معصوم نينگر مستري پاران مبينا ڏاڍائي

مستري استاد حاڪم شر ٻارنهن ورهين جي شاهنواز ٽالپر کي زيادتي جو نشانو بڻايو

واقعي جي اين سي داخل هجڻ باوجود پوليس جوابدار کي گرفتار نٿي ڪري، انصاف ڪيو وڃي: وارث

ڪنڊڙو(ن ع)ڪنڊڙو ۾ موٽر سائيڪل ورڪشاپ ۾ ڪم ڪندڙ ٻارنهن ورهين جي معصوم نينگر شاهنواز ٽالپر سان سنڌس مستري استاد پاران مبينا نموني
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مرحوم سردار منظور خان پنهور جي نالي سان ٻي گهوڙن جي ڊوڙ

ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سميت سياسي ۽ قبائلي اڳواڻن جي وڏي شرڪت

سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي 145 گهوڙن مقابلا، بختاور، سنڌ سونهاري ڪامياب

ڪاميابي ماڻيندڙن ۾ ٽرافيون ۽ روڪ رقم ورهائي وئي، گهوڙن جي ڊوڙ کي سرڪاري سطح تي ڪرائڻ جو اعلان

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي درگاهه سيهر شاهه پرسان اڳوڻي ايم پي اي سردارزاده اورنگزيب پنهور پاران مرحوم سردار
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ سيپڪو جو خانگي ملازم مسجد جو پيش امام بجلي جي ٿنڀي تان ڪري فوت

باڊهه واسي سيپڪو جو خانگي (ن ع)باڊهه ملازم بجلي جي ٿنڀي تان ڪري فوت ٿي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مسيحي ناريون مذهبي رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ گلي ملي رهيون آهن

ٽنڊومحمدخان جي نالي واري شخصيت اڳوڻو صوبائي وزير سيد قبول محمد شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

سيد قبول محمد شاهه ڊگهي عرصي کان بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد 75 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي

جنازي نماز ۾ صوبائي وزيرن، سياسي سماجي اڳواڻن، دوستن، عزيزن ۽ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي

ٽنڊومحمدخان/بلڙي شاهه ڪريم/ملاڪاتيار (نمائندن وٽان) لاڙ سنڌ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي نالي واري سياسي ۽ سماجي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان: اڳوڻي صوبائي وزير سيد قبول محمد شاهه جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف حياتي جي تصوير

فيض گنج لڳ صحافي رياض خاصخيلي ٻاٿرن جي حملي ۾ زخمي، اسپتال داخل

فيض گنج(ن ع) ڪوٽ لالو ۾ ڪاوش رپورٽر جو ڀاءُ رپورٽر رياض خاصخيلي تي ٻاٿرن جو حملو تشدد صحافي زخمي اسپتال داخل هڪ ڄڻو گرفتار ڪوٽ لالو ۾ ڪاوش رپورٽر صحافي رفيق
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

"ڊائريڪٽر ايڇ آر ڪشور ڪمار وٽ شڪايتن باوجود آفر ليٽر مليل اميدوارن جا مسئلا حل نه ٿيا"

ڪرپٽ آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪنداسين، نوجوانن کي نوڪريون ميرٽ تي ڏيون پيا: سردار شاهه

تعليم کاتي پاران آفر ليٽر جاري ڪرڻ باوجود لاڳاپيل ڊي اي اوز آفيس پاران دير سان آفر ليٽر پوسٽ ڪيا ويا: صوبائي وزير کي شڪايتون

ڊائريڪٽر ايڇ آر ايجوڪيشن عملدار نوجوانن جو وقت ضايع ڪن پيا. آفر ليٽر جو مدو وڌائڻ لاءِ ڪورنگ يا ايڪسٽينشن ليٽر به نه پيا ڏنا وڃن: اميدوار

ڪرپٽ آفيسر، نااهل ۽ عوام کي تنگ ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو پيو وڃي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ڳجهو سيل قائم ڪيل آهي: صوبائي وزير تعليم

مارڪن جي شرح گهٽ ٿيڻ سان جن کي آفرليٽر نه مليا سگهيا يا انهن کي نوڪريون نه مليون، ان بابت تحقيقات ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي تعليم کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ پرائمري ٽيچرز جا امتحان منعقد ٿيا، آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ٿيل 40 هزار کان وڌيڪ اميدوارن مان 15
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه کي عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي ڪليل ڪچهري دوران آگاهي ڏئي رهيو آهي

صوبائي وزير سردار شاهه منجهند کان رات جو 8 وڳي تائين ماڻهن جا مسئلا ٻڌا

ڪراچي: صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه جي آفيس ۾ کليل ڪچهري دوران
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

بلاول ڀٽو ۽ وڏو وزير مراد علي شاهه عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن: صوبائي وزير تعليم

ڪراچي: سردار شاهه چيو ته پ پ جي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ميراڻي برادري جو ريلوي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) ميراڻي برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن سکر لوڪو شيڊ جي رهواسين پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت ريلوي پوليس پاران مبينا بنا جواز گرفتارين، تشدد ۽ هٽن کي ڍاهي ڏيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ڏينو ميراڻي مسمات مائي بخشل نازيه ۽ سويرا سرفراز ميڊيا کي ٻڌايو ته هو انتهائي غريب ۽ پوڙهيت طبقي سان تعلق رکن ٿا ۽
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

راضيديرو جي صحافي امام بخش عرف پريمي ڳلال جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

راضيديرو(ن ع) پريس ڪلب راضيديرو جي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

گمبٽ شهر مان نوجوان ٻن ڏينهن کان پراسرار طور گم، ٿاڻي تي اين سي داخل

خيرپور(د ر) گمبٽ شهر جو رهواسين غلام رسول عالماڻي گهران نڪري ويو آهي جنهن کي ٻه ڏينهن ٿي ويا آهن واپس ناهي آيو سندس جي ڳولها ڪئي آهي پر ڪوبه ڏس پتو ناهي مليو اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني ناهي نوجوان جي گمشدگي سبب گهر ۾ ڪهرام مچل آهي وارثن پاران ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺي نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪرڻ جو مطالبو
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ٽيم جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ميٽياري ۾
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ چاچڙ برادري جي پراڻي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو هڪ زخمي

سي پيڪ موٽروي ايڪسچينج پرسان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شمن چاچڙ مارجي ويو

فائرنگ ۾ زخمي مقتول جي دوست امجد مهر ۽ لاش کي پوليس ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

پنوعاقل(رپورٽ اعجاز جهنڊير)پنوعاقل پرسان سي پيڪ موٽروي ايڪسچينج پرسان پراڻي دشمني تان هٿياربندن جي حملي ۾ نوجوان قتل هڪ ڄڻو زخمي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوٺ سجر چاچڙ واسي نوجوان
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.